چؤواتي تي

(ڪويتائون)

نند جويري

وائيس آف سنڌ اِي بُڪ پبلشر

www.voiceofsindh.net

editor@voiceofsindh.net

ارپيان ٿو

هر اُن شخص کي
جنهن جي اکين ۾
سنڌ جي نقشي لاءِ
آدر آهي.

ـ نند جويري

مهاڳ

انسان هونءَ تہ ازلي جلاوطن آهي، پر جڏهن پنهنجي ڌرتيءَ تان بہ جلاوطن ٿئي ٿو ۽ جدائي هن لاءِ وڌيڪ اَسهيہ ٿي پوي ٿي، هو پنهنجون جڙون ڳولهڻ ۽ پنهنجي تشخص (Identity) لاءِ بي چئن رهي ٿو. نند جويريءَ جي هن مجموعي ۾ اُهي ٻئي ڪيفيتون ملن ٿيون. هن جي فلسفي وارو 'مان' پنهنجي اصليت جي تلاش ۾ آهي، جنهن کي هو 'نج' ڪوٺي ٿو:

"شروعات ۾ مان نہ پاڪ هوس
نہ ئي ناپاڪ هوس.
مان نج هوس"

اُهو نج هر ڪنهن مابعد الطبيعاني حقيقت (Metaphysical reality) وانگر ڏنڏ ۾ ويڙهيل آهي. جنهن جي پٺيان مايا سمنڊ وانگر آهي، جنهن تي ڪنهن وقت گهٽائن مان ويندڙ چنڊ جا پاڇا پون ٿا ۽ ڪجهہ ڏنڏليون ٻيٽاريون نظر اچن ٿيون ۽ جڏهن چنڊ گهٽائن ۾ ڇپي وڃي ٿو تہ اُهي غائب ٿي وڃن ٿيون. پنهنجي ڌرتيءَ تي رهي بہ اِهو سوال تہ 'آءُ' ڇا آهيان ۽ منهنجو اَنتُ ڇا آهي؟ ماڻهوءَ جي روح کي بي چئن ڪندو رهندو ۽ ورلي بہ ماڻهو اِنهيءَ سوال جو جواب ساڳيو ڏيندا. پر جڏهن اِنسان پنهنجي ڌرتي تان ڏکاڻجي وڃي ٿو تہ اِن سوال جي نہ رڳو معنيٰ بدلجي وڃي ٿي پر ان جي اهميت بہ وڏي وڃي ٿي. نازي جرمنيءَ مان فرار، ٽامس مئن ۽ ٻيا ليکڪ جلاوطن ٿي، انهيءَ پوئين سوال جي جواب ۾ سرگردان رهيا هئا. روسي اديب نبوڪوف جيڪو مشهور ناول 'لوليتا' جو مصنف هو، اهو بہ پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ ان سوال کان پريشان آهي. اربندو گهوش وانگر ان سوال جي تلاش برابر ڏکي آهي پر سباش چندر بوس کي ان سوال جي جواب لاءِ جيون جي بازي لڳائڻي پئي ۽ آزاد هند فوج ناهيائين. پهريون سوال اِنسان جي من کي ڪنهن نہ ڪنهن وقت ڏاڍو تڑڦائي ٿو، جيئن نهروءَ جي من کي تڑڦايو هئائين. جيئن هو ڪملا جون هانيون هوائي جهاز ۾ ڪٽي ٿي آيو، پر انسان جيڪو رت پنءَ جو پتلو آهي ان لاءِ جيءَ جي جلاوطني وڌيڪ پريشان ڪندڙ آهي. جيءَ جي جلاوطني مون پنهنجي ڌرتيءَ تي رهي بہ پوڳي آهي. پر نند ۾ ڌرتيءَ کان ڏکجي، اُها مونکان بہ وڏي وئي آهي ۽ هو جتي ڪٽي پنهنجيءَ شڪارپور کي ڳولهي رهيو آهي:

"آخر پي

شڪارپور آهي ڪٽي؟
توهان کي خبر آ
شڪارپور ڪٽي آ
.....هر شڪارپوري
شڪارپور ۾ جائو هو
پر هر شڪارپوري
شڪارپور ۾ ڪونہ جنميو آ
ڪهڙو فرق ٿو پوي
اگر
پوگول واري شڪارپور
پومي گرست ٿي چڪي آ
ڪهڙو فرق ٿو پوي
اگر شڪارپور جو نالو بدليو ويو هجي
ڪهڙو فرق ٿو پوي
اگر ڪنهن کي
شڪارپور اُتر اولهہ جي بدران
ڏکڻ اوپر ۾ ملي
ماڻهن کي شڪارپور گهرجي
صرف شڪارپور
تہ پوءِ هو چو ڪونہ ٿا
هٿ لکيل پُرزي تي
وشواس ڪن
چو ڪونہ ٿا ڪنهن ويندل ڏانهن
هٿ ڏگهيڙن
هٿ ڏگهيڙي تہ ڏسن
چتَ ۾ پائيندا شڪارپور
شڪارپور ڪنهن زمين جو نالو هو
ڪنهن زمين جو نالو ناهي

ڪنهن سرير جو نالو هو
ڪنهن سرير جو نالو ناهي
شڪارپور ڪنهن روح جو نالو هو
ڪنهن روح جو نالو آهي
.....شڪارپور کي ڳولهڻ لاءِ
شڪارپوري هئڻ ضروري آ
هٿ ڊگهيري ڏسو

شڪارپور سنڌ ۾ نند لاءِ ماتا جي ٿڻ وانگر هئي. هو منهنجو ۽ سامي جو ڳوٺائي آهي ۽ ٻنهي جو ساڻ هن جي ڪويتا ۾ ملي ٿو:

سامي شير تي
اَٿي جي چؤمکي ڏيئي جي لاٽن مان
چؤطرف
بجليءَ جو تارون ڦهليل هيون
لٽڪيل ڏيئي جي پيٽ راري ٽنگ مان
جو چوڏهين آگسٽ تي مون ڪيو هو
تيل جو ننهن سوسڙو ڦڙو
رکي رکي ايجان ۾ ٽپڪي رهيو هو
مون هٿ وڌائي
اُن ڦڙي کي تريءَ تي ڪنيو
پر هو ڪن ۾ ئي پار نڪري ويو
منهنجي سيتل ماس مان"

اربندو گهوش لاءِ پنهنجي 'مان' وڌيڪ معنيٰ رکي ٿي ۽ هن لاءِ پانڊيچري (جيڪا ان وقت فرينچ ڪالوني هئي) جي ڪا اهميت نه هئي. نند لاءِ پنهنجي ابدي 'مان' کان ۾ وڌيڪ شڪارپور جي اهميت آهي، جتي هن جي مان 'مان' جي اوسر ٿي هئي ۽ جنهن کان ورهاڳي کانپوءِ هو اوچتو ڪٽجي ويو. هن جو 'ڌرتي' نظم هڪ شاهڪار نظم آهي ۽ شڪارپور سان سان ئي واڱيل آهي ۽ سئليوڊار ڊاليءَ جي

سررئيليستڪ (Surrealistic) پينٽنگ وانگر لڳي رهيو آهي. پڙهندڙ نند جي "جتي" نظم ۾ شرناڻيءَ جي پيرن ڏانهن ڏسي جڙ ساڳيو اندر جو عذاب پوڳي ٿو جو هن پنهنجو ملڪ ڇڏڻ کان پوءِ پوڳيو آهي:

"باقي جُتي
اسان جي پيرن لاءِ هوندي به يا نہ
انهيءَ ۾ شڪ آهي
وقت اُن جو مقدار گهٽائي
۽ اسان جي پيرن کي وڌائي ڇڏيو آهي
تڏهن مون هن جي پيرن ڏانهن ڏٺو
هنن کي پير هئا ئي ڪونہ
هو به مون وانگر اَپنگ هئا"

شڪارپور وارا مسلسل نظم پڙهي محسوس ٿيندو تہ اها ڏرتي هن جي "مان" جو حصو آهي جنهن کي هو ڳولي ٿو. هو ڪڏهن ٿڪجي ٿو پوي تہ ڪڏهن مايوس ٿو ٿئي:

"لکي در تي گهنٽا گهر
منجهند جو پي بجي
شام جا پنج گهنڊ ڇو ڪونہ هنيان؟
اُنهيءَ کي به بخار هو
يا لقوي جي مرض ۾
ريڑهيون پائيندي
لاچاريءَ جو اظهار ٿي ڪيائين
مون وانگر"

ڪڏهن گهاٽي جهڙ مان نڪرندڙ چنڊ جهڙي آس هن کي پنهنجي جهلڪ ڏيکاري ٿي. جيئن هن جو جنم ڪانپوءِ هن کي ٻي جي پڪ آهي، ائين هن کي شڪارپور ۾ پنهنجي ٻي جنم ۾ شڪ آهي. پر شڪ ۾ يقين جو هڪ عنصر هوندو آهي ۽ اِنسان انهيءَ عنصر تي ئي تڳي سگهندو آهي ۽ جڏهن اهو عنصر گم ٿي ويندو آهي. تڏهن زندگي پنهنجو اَنت آڻيندي ويرم نہ ڪندي آهي. نند جي دل ۾ اهڙو يقين نظر اچي ٿو.

ترنم واري شاعري ۾ اُن جي فني خوبين کي نظرانداز نٿو ڪري سگھجي. پشڪن کان فردوسي تائين، ڪاليداس کان ليوپارڊيءَ تائين، ترنم واري شاعري اِنسان جي روح ۾ خنجر وانگر کپي وئي آهي، پر جديد دؤر ۾ جا نثري شاعري ٿي رهي آهي، اُن کي پنهنجي اهميت آهي. ان جي مرڪزي خيال ۾ اها شعريت آهي جا ترنم جي محتاج نہ آهي. جذبات جو ترنم نثر ۾ آڻي سگھجي ٿو. بودليئر جي ڪتاب ' Flowers of Evil' ۾ هن جون 'پئرس جون راتيون' ترنم وارا شاهڪار نظم آهن، پر ساڳي وقت هن جي مجموعي ۾ هن جا نثري نظم بہ اوترائي خوبصورت آهن. فرانس جي شاعر رامبوءَ کان وٺي جديد آمريڪا جي شاعر ڪارل شيپيرو تائين ڪيترن شاعرن خوبصرت نثري نظم لکيا آهن جن خيالات ۽ جذبات جي مصوري ڪئي وئي آهي ۽ جي ماڻھوءَ جي من کي ائين ٽا اُپارن جيئن ترنم واري شاعري ڪندي آهي. نند جا ڪجھ poetic images هيٺ ڏيان ٿو:

"پريل گھر
بگيءَ تي ڪٽي
ٽيشن تي خالي ڪري
بگيءَ واري
وري ورائي نہ ڏٺو
تہ ڪو خالي ماڻھو
پريل گھر ڏوهيندو
سرحد پار هلي ويو"

"سانت
....."
سانت جا برهما جي
نند کان پوءِ هوندي آهي
ان سانت کي چيريندو گھوڙو
جڏهن نند لاءِ طبيلي تي پهتو
تنهنجي لڳايل ڏور اجان هن جي ڏاڙن ۾ هئي
سانت

سانت جا برهما جي سجاڳيءَ کان اڳ هوندي آهي
ان سانت کي چيري
ڇا بگيءُ جو گهوڙو
وري اُٽندو
ڪوپريل گهر
ڪو خالي ماڻهو ڏوهڙ لاءِ تيشن ايندو؟
او شڪارپورا!"

—

اسان جي ٿهڪن سان
باغ ۾ گل
ڇٽي نہ پون ۽ وري ڪائي
لنبي عرصي واري خزان نہ اچي
اسان صرف من ئي من ۾
مسڪرايو آهي
۽ جڏهن ساهہ جو احساس ٿيو
من اندر جي مشڪ وکٽي بہ
اسان پراون سان
واعدا ڪرن لاءِ
بهانا ڳولهيا آهن
او شڪارپورا!"

—

" اهو ئي تہ رواج آهي
تنهنجو منهنجو
تن کي بہ تن تان لاهي
موڙي تي رکي اڇ

ءِ اڄ تہ پيار ڪريون
او شڪارپورا!“

—

”شبد پنهنجا نقش
خاموشءَ جي
ڪئنواس تي
چتيندي چتيندي
پنهنجو پاڻ ٻرئي
پيهي ويا ..... وقت جي ڏر کان“

”موسيقي
ڪنهن گهٽيءَ جي
ڪنهن ڪسيءَ جي
گهنگهرن جو آواز هو“

”هاڻ گرميءَ ٻر ماڻهو
سم اوڀي
سم تي سمهندا آهن ماڻهو
سائي سم
سائي لڳل پٽ
سائي رنگ جا ماڻهو
ڪيئين رنگن جا سوال ڪٽي
هڪ ئي رنگ
”سائي“ جو جواب پائي جيئندا آهن“

—

”پوترتا تنهنجي آتما هئي
ءِ مان

هاڻ پوتر نہ رهيو آهيان
هاڻ جڏهن جڏهن
مان تو وٽ اچان ٿو
مونکي لڳي ٿو
مان پنهنجي ئي
مردهہ سريرہ
پرويش ڪري رهيو آهيان

او سنڊو پُتر ساڌ بيلا!
ياد ڪر
مان تو وٽ هوس
مون چيو هو گلن کي
سپ ٽڙي پئو
ءِ سپ ٽڙي پيا هئا
بن بادلن آڪاش کي ڏسي
مون چيو هو مورن کي
نچو
مورن ناچ ڏيکاريو هو

اهڙي ئي ڪوشش
مان هر دفعي ڪريان ٿو
جڏهن جڏهن مان تو وٽ اچان ٿو
ءِ مان اسڪل ٽي موٽان ٿو
اِن احساس سان
تہ هڪ مردو ٻئي مردي سان
ويچار ڪري موٽيو آهي“

—

"ائين ته هر سڏ تي
مڱا موٽندا آهن
ڪي اڌورا ته ڪي پورا
موٽڻ هڪ سمجهوتو آهي
جيئڻ جي لالسا لاءِ
تنهنجو سڏ ٻيندو
ءِ مان موٽي ايندس
ڪجهه تياڳي
ڪجهه پائڻ لاءِ
تو اهو ڪيئن سمجهيو؟
تنهنجي سڏ جي هِجي
مان پڙهي سگهان ٿو
توکي به منهنجو موٽڻ
پڙهڻ گهرجي
اگر مان تنهنجي سڏ تي
موٽي اچان
مان موٽندس
جڏهن اُهو سڏ ٻيندو
جيڪو هِجي نه ٻيو هُجي
مان پنهنجو موٽڻ به بنا هِجي جي چاهيان ٿو
مان ڪونه موٽندس
ڪونه موٽندس

پر
مان هوندس
هوندس
آڪاس ۾ اهو اَنادي آواز
آڪاس به مان هوندس
اُهو سڏ به مان هوندس

اُهو سڏ جو هِجي نہ ٿيندو
تون وڃي ڪائي ڪُڪ ٻُولھ
مون سان ملڻ لاءِ“

مٿين ڪويتا جون پويون ٻہ سٽون ڪيتريون نہ خوبصورت آهن !
جڙ اتهاس جو ماضي ۽ مستقبل انهن مان گهوري رهيو آهي.
مون مٿي ڪجھ سڃا نظم ڏٺا آهن ڇو تہ انهن کان سواءِ نند جو تصور مٺ ۾ نہ اچي سگهي ها.
پنهنجي ابهام (Vagueness) جي باوجود نند جي شاعريءَ کي سنڌيت سان ڀرپور ڪمٽمينٽ آهي. اِنهيءَ ڪمٽمينٽ کان سواءَ سنڌي ادب هوا ۾ انهيءَ غباري (Baloon) وانگر آهي، جنهن کي ڪوئي طرف نہ هجي جو اُڏامي اَنت ۾ ڦاٽي پوندو ۽ هوا سان هوا ٿي ويندو.

شيخ اياز

مـان

1
سُجاڻپ

منهنجو نالو
منهنجي سُجاڻپ نہ آهي
اِهو ڏنل نالو
صرف اُهو ڏس آهي
جنهن طرف هنن کي ويڙهو هو

هاڻ
جنهن طرف مون پير کنيا آهن
اُنهن پيرن جا نشان ئي
منهنجي سجاڻپ
ڏيئي سگهن ٿا

تون منهنجا پير پڙهين
۽ اُنهن جو ترجمو
لفظن ۾ ڪرين
اِهو ڪيئن
۽ ڪيترو ممڪن آهي؟

هر لفظ کي معنيٰ ۾
هنن جي ڏنل آهي
هر ڏنل وستوءَ سان ڏيندڙ جي
آشائن ۽ اچائن جي پرمپرا
جڙيل هوندي آهي
تون اُنهن معنائن سان
پنهنجا احساس جوڙي
ڪن شبدن ۾
منهنجو ترجمو ڪرين
اِهو ڪيئن ۽ ڪيترو ممڪن آهي ؟

اُهي شبد
جن کي
هنن معنيٰ ڏني هئي
يا ..... تو
انهن معنائن سان
پنهنجا احساس جوڙي
لفظن کي نئون روپ ڏنو هو
اُهي ۾ هر پل
پنهنجو پاڻ کوهي رهيا آهن
۽ وري وري
پنهنجو پاڻُ پائي رهيا آهن
لفظ ۾ سفر ڪندا آهن
هنن کي ۾ پير ٽيندا آهن
تون منهنجا پير پڙهين
ان کان اڳ توکي
لفظن جا پير پڙهڻا پوندا
چا اِهو ممڪن آهي

شبدن سان
منهنجو ترجمو ممڪن نہ آهي
شبدن سان
تون صرف
منهنجو سرجڻ ڪري سگهين ٿو
آشائن ۽ اچائن جي پرمپرا سان
صرف منهنجو
سرجڻ ڪر سگهين ٿو

تون مونکي ڪهڙو به نالو ڏين
اُهو تنهنجو ئي هوندو
اُهو ڏُس
جنهن طرف توکي ويڙهو آهي

اڄ مان به
پنهنجي سرجڻ ۾ لڳل آهيان
پنهنجن آشائن ۽ اچائن جي پرمپرا سان
پاڻ کي نالو ڏيڻ لاءِ
پر اِهو به ڪيئن ۽ ڪيترو ممڪن آهي؟

2

1 - نِجُ

منهنجو جنم
جڏهن جتي ٿيو — بس ٿيو

شروعات ۾
مان نہ پاڪ هوس
نہ ئي ناپاڪ هوس
مان نج هوس

ٻنڊن نربندن کان اڳ
مون ايجان
پهريون پير ئي مس ڪنيو هو
تہ هن پنهنجي ڏسٽيءَ سان
مون کي پنهنجي سوچ ڏيکاري
۽ پوءِ
هن جي ئي ڏس جو ڪجهہ
منهنجي سوچ سان
جڙيل رهجي ويو
۽ پوءِ ائين ٿيو
جو منهنجي ئي هڪ خيال
اُن نج کي پرشٹ ڪري چڏيو.

3
نِجُ ـــ 2

منهنجا شبد
منهنجا خيال ڪٽي
نہ اُڏندا
ايتروئي
مون چاهيو هو
تون منهنجن شبدن جا
پَرَ نہ ڳٽين تہ بهتر آ
متان اُنهن کان نہ چاهيندي بہ
ڪا هنسا نہ ٿي وڃي
ءِ تون بہ مون وانگر
پرشٹ نہ ٿي پوين.

4

نجُ 3

اُهي جي بازار ۾
نعرا ٿا هڻن
ڪن خيالن جا ڏڪويل
ڪن خيال کان
دوا ٿا چاهين
مان هنن جي ويجهو به
وڃي نٿو سگهان
جو ڊپ اٿم
متان مان به بيمار نه ٿي پوان
۽ هنن کان پڄڻ به ممڪن ناهي
جو ڊپ اٿم
مان اڪيلو ٿي ويندس
مان اڪيلو هوس
اڪيلو ڪونہ آهيان
نج هوس
نج ڪونہ آهيان
نہ ئي مان شونيہ آهيان
مان ڪارڻ هوس
مان ڪارڻ آهيان
مان پرشت ئي سهين

مان ڪارڻ آهيان
هر اُهو نج هو
جنهنجو ونش آهي
هو اهو ڪارڻ آهي
جنهنجو نتيجو آهي
مان ڪارڻ وس ڪارڻ آهيان
مان ڪارڻ رهندس
مان نعرو هڻندس
ان نج يا
ان پرشٽ نج جي نالي
مان نعرو هڻندس.

5

نجُ-4

جڏهن جڏهن نج ڪي
ڪنهن رومال ۾ ويڙهي
وڪيو آهي
تڏهن تڏهن توءِ مان
صرف رومال جي ئي
قيمت لڳائي آهي
نج سدا
اَڻ ڀُهيو ئي رهيو آهي

شايد
هر نج ڪي
يا .....
پرشت نج ڪي
ٻاهريون ويس ٿو گهرجي

6

منهنجي مان

منهنجي مان
هڪ بي انت آڪاش
جنهن کي توهنا ڏنا
پوءِ تنهنجي ئي ڏنل چؤڪٽ
منهنجي هوندَ بڻي

منهنجي هوندَ
هڪ اڌندڙ .... پکي
پکي
اُڏي تہ ڏارون پون ..... آسمان ۾
استر رهي تہ ٽٽي ولين ..... ڏرتيءَ ۾

منهنجي مان
هڪ گهرو ساگر
سانت ساگر
تنهنجي ڏنل هوندَ
هن کي لوڻ ڏني
ڇول ڏني

منهنجي مان جي
ناهي ڪا شروعات
تو منهنجي هوندَ کي
کن کن ۾ وندي

ڪن ڪن سان جوڙي
منهنجي مان جي عمر ڳٽي

منهنجي مان
هڪ بي آڪار چٽگ
تو ڏيئا ٻارائي
منهنجي هوندَ ڪي
روپ ڏنو
ءِ وقت پُجاڻي
جڏهن اوندهہ ٿي
تہ تو سمجهيو ـــ مان مري ويس !

7

مان باهر آهيان

مان باهر آهيان
باهر مان آهي

تون ديرسان آئين
اِن ديرِ
منهنجي ساسن جو ڇا ٿيو؟

اڄ منهنجي ساسن جو قدُ
ايڏو ته وڏي ويو آهي
جو هر ماپ پٽي آڻپوري آهي
نختي ۾ نختو..... نختي ۾ نختو
....
....
اُنهيءَ سان بہ نختو
اِهو آڪار آهي اُنهن جو
هاڻ ڪير ڪنهن کي ماپيندو
هاڻ انهن
ساسن کي نہ چُهِج
باهر کي ٻاري رهيا آهن
منهنجا ساس

وقت آيو هو
پر اُهو بہ ديرسان آيو
ان کان اڳ ئي

مون پنهنجن ساسن کي
ڇهي ورتو..... چکي ورتو
هاڻ
ساس مونکي ٿا ٻارين
مان ساسن کي ٿو ٻاريان

هيءَ باهه
برف جيان سيتل اٿئي
سيتل باهه ۾
جيئڻ ۽ جلڻ
سڀ برابر آهي
اهو ائين آهي
جيئن
پاڻي پاڻيءَ ۾ ٻڏي
پاڻي پاڻي ۾ تري
اڄ مونکي
جيئڻ ۽ مرڻ لاءِ
ڪو ٻهانو نه گهرجي
سڀ ٻهانا
جيڪي ناتن جا نتيجا هئا
جلي چڪا آهن
ان ديرِ ۾
ڪهڙا ڪهڙا اسم جليا
ڳڻڻ مشڪل آهي
ضرورت به نه آهي

ان ديرِ ۾
مون جيڪي وڃايو آهي
وڏي ملهه جو آهي

جيڪي پاتو آهي
اهو به بي ملهه آهي
اڃي
باهه باهه هئي
مان مان هوس
هاڻ ..... مان باهه آهيان
باهه مان آهي

تون ديرسان آئين
منهنجا خدا!
هاڻ منهنجن
ساسن کي نه ڇهج.

8

مسافر لاءِ بس

هن بس جي اڳين سيٽ تي ويٺل
ڊرائيور مان آهيان
ٻي پوئين سيٽ تي براجمان
کنڊڪٽر بہ مان آهيان
اڳين ٻي پوئينءَ سيٽ جي وچ ۾ ويٺل
هر مسافر بہ مان آهيان
اِها منهنجي واقفيت آهي

هر اسٽاپ تي
ڪو مسافر لهي ٿو
ڪو مسافر چڙهي ٿو
هر اسٽاپ تي .... مان
ڪجهہ ڇڄجان پيو
ڪجهہ جڙجان پيو
اِها ئي منهنجي
گهاٽي واڌي جي کهاڻي آهي

مان 'ڊرائيور' هوڪو ٿو ڏيان
ٻي مان بس جو 'کنڊڪٽر'
هوڪي جي پستي ٿو ڪريان
آخرين اسٽاپ جو اعلان
رٽائر ٿيڻ جو وقت

مان بس مان لهان ٿو
هر اسٽاپ تي 'چٽيل مان'
هر اسٽاپ تي 'جڙيل مان'
مان بس مان لهان ٿو
هڪ ٻيو ئي 'مان'
شروعاتي 'مان' جو هڪ حصو
پنهنجي وات وٽي
اڇتي ٿو وڏي
پنهنجي ٻئنڪ بئلنس سان

پوءِ مان بس جو ڊرائيور
مان بس جو ڪنڊڪٽر
بس کي ورائي
چانهه جو ڏُڪُ پي
پنهنجي نئين وجود جو اعلان ٿو ڪريان
وري مان پنهنجي پاڻ کي چنڊيندو
پنهنجي پاڻ کي جوڙيندو
مان بس جو ڊرائيور
مان بس جو ڪنڊڪٽر
مان بس جو مسافر
اڇتي ٿو وڏان

بس جو ڪارڻ مسافر
مسافر لاءِ بس.

9

مان

اهو 'مان' هڪ عجيب جانور
جڏهن ڇائو ته هزار هٿن سان
۽ اهو 'مان' پوئٽريٽ وقت
جڏهن مُئو
ته بن ضعيف هٿن سان
باقي هٿ
هن جي زبان تي ٽئي لٽڪيا.

10

تون ۽ مان

اگر تون ۽ مان
هن کان اڳ ڪٿي مليا آهيون
تہ ايندڙ ڪ
شايد گڏ ڪٿنداسين

اگر تنهنجو قدم
منهنجي ڪنيل قدم جي برطرف بہ پوي
تہ بہ برطرف ٻرانگھہ ٻرڻ لاءِ
توکي
منهنجي وک جو طرف سڃاڻڻو ئي پوندو

تون ڪيڏي بہ وڏي ٻرانگھہ ٻرين
توکي منهنجي وک جي فاصلي کي
اورانگھڻو ئي پوندو
تون چاهين يا نہ
مونکي پنڌيان ڇڏي نہ ٿو سگھين
منهنجي وک جي رفتار جي ڏلائي
تنهنجي تيز تکي ٻرانگھہ جي
يڪارڻ جو پاڇو ئي هوندو

روشنيءَ جي ٻئي ڪنڊ کان
ليئو پائيندين تہ
منهنجي ڏِلي ٻرانگھہ جو قد

تنهنجي تيز تکي برانگهه جي قد کان
گهٽو گهٽو وڌو هوندو..... شايد

تون ۽ مان وقت جا پاڇا آهيون
پاڇن جي گهٽجندڙ
۽ وڌندڙ مقدارن جي ڏڪير ۾
تنهنجو منهنجو وجود ڦهليل آهي
تون مونکي پنيان ڇڏي نه ٿو سگهين
۽ نه ئي تون
منهنجي پنيان رهي سگهين ٿو

تنهنجي هستي
منهنجي هستيءَ ڏانهن
۽ منهنجي هستي
تنهجي هستيءَ ڏانهن جوابدار آهي
ان سان ئي
تنهنجي منهنجي
سچاٽپ آهي.

چـؤواتـي تـي

11

مائي پائي

توکي شايد ياد هجي
منهنجا پيارا پاءُ
اسانجي ٻنيءَ تي
هڪ مائي پائي ٻہ
رهندي هئي
هوءَ اسان جا فصل
سنياليندي هئي
اسان سيني جا
پيٽ پريندي هئي

جڏهن هن جو
موت ٿيو هو
ملڪ آزاد ٿيو هو

پوءِ
برابر ڏهہ سال
هن جي لاش کي
سنيالي رکيو ويو هو
سيني کي آس هئي
مائي پائي وري اُٿندي
اسا سيني جا
خالي پيٽ پريندي
پر هوءَ ڪونہ اُٿي
ءِ اُئين ڪونہ ٿيو

ان وچ۾
هن جي ڪتنب جا
باقي بچيل پاتي بہ
وڏا ٿيندا ويا
۽ آخر ۾
مري ڪپي ويا
پر شڪر آهي
اُنهن جو شِراد
ڪنهن نہ ڪنهن ڪيو

پر هاڻ رپيو
جو مائي پائيءَ جو
جنم وٺي آيو آهي
اِهو بہ سياڻي مرندو
هر ٻيو ــ مرندو جو آهي
ڇا هن جي شراد لاءِ
ڪنهن 'ٻين' يا 'ربيل' کي
گود وٺو پوندو؟

انهيءِ کان بهتر آهي
منهنجا پيارا پاءُ
متان ڪوئي وديشي
وري گهسي اچي
اڄ تہ اسان
پيءُ کي ايڊاپ ڪريون
پوءِ شايد
بازار ۾
اسان جي ڪُٽپ ٿئي.

12

چوواٹي تي گھر

ڪالھ تائين
منھنجو گھر
ھڪ چؤواٹي تي ھو
پر اڄ صبح جو
گھر جي ٻاھران
لٽ واري چوڪيدار بدران
بندوق ڏاري جوان ٻيٽو ھو
۽ چؤواٹو گم ھو

راتون رات
امرجنسي جي تحت
غيرقانوني ٻاڄي مارڪيٽ کي
اُتان ھٽايو ويو
انڪري
گھوڙي گاڏي اسٽينڈ جي
ضرورت ئي نہ رھي
ڪالھ تائين
چؤواٹي جي شورغل ڪري
جيئڻ جنجال ھو
ھاڻ سانت آھي
اڄ رات ھڪ ڪويتا لکبي
ڪالھ واري رات ۾
سڀ واٹون ميساري
چوڏاري باغ پوکيا ويا

اڄ پوگول تي
صرف گل ئي گل آهن
چوڌاري خوشبوءِ آهي
ڪوئل آهي .....گيت آهن
مور آهي ..... مورٽي آهي
ته ناچ به آهي
هاڻ مان پنهنجي گهر کي
نواس بدران
محل چئي سگهان ٿو
مان خوش آهيان
جو منهنجي گهر واري به خوش آهي
جو هاڻ هوءَ راڻي جو ڪوٺائبي
سپ کان وڌيڪ
اسانجي ننڍڙي ڪکي خوش آهي
جو هاڻ
اسانجي گهر ۾
اسڪول وڃڻ جي وات
ڪنهن کي خبر نه آهي.

13

ڪچو

ڪچي جو فلسفو
تمام پراٽو آهي
سپ کان پهرين
مِرونءَ کي جڏهن
ماڻهو جي مهما ملي
تڏهن هن پهريون جهاپوڙو
ڪچي تي هنيو
ماڻهوءِ ماڻهوءَ جي نظر جي وچ۾
ڏال
صرف ڪچوئي ٿي سگهي ٿو
پر ماڻهو ماڻهن کان
صرف انگ اُگهاڙي ئي
ڪونہ شرمائيندا آهن

اسان سپ
ڪنهن نہ ڪنهن جنس جو
ڪچو پائيندا آهيون
پاڻ کي سوگهو رکڻ لاءِ
ڪچهڙيءَ ۾
بحث مباحثي ۾
ڪچي کي چڪي ٻڌندا آهيون
جيئن اسانجي شخصيت
چڙو چڙ نہ ٿي وڃي
ڏيکارينداصرف
ٻاهران ڪپڙا آهيون

ظاهري پوشاڪ
اهو اسانجو ٻاهريون ايمان آهي

هر اهو ماهر
جو پنهنجي ٻَنيءَ جو پاڻ ٻَنو آهي
تَين ٿُڪر تي
ڏَڪرُ هڻي
پنهنجي ڏَڪرُ هئڻ جي
هامر هڻندو آهي
اِهو صرف تيسين تائين
ممڪن هوندو آهي
جيسين تائين اِتي ڏِکيل هوندي آهي

اڄ بہ هر نعرو
ڪنهن نہ ڪنهن
ڪچي جي برئنڊ (Brand) جو
نالو آهي.

ائين تہ هو
ننگو ئي ڄائو هو
جيئن هرڪو هن سنسار ۾
جنميو آهي
پهرين ماءُ
هن کي ڪچو پهرائي
هن جا انگ ڏِکيا
پوءِ ئي هن کي
ڪنهن ڪن ۾
سندس نالو ٻڌايو ويو
جيئن

سنسار جي زير زبر کان
هو بچيو رهي
هن کي ڪچي جو
مهاتم ٻڌائي
هٿيار بند ڪيو ويو
تڏهن هو پهريون دفعو
ڪچي جي ضرورت ڏانهن
سُچيت ٿيو

ڪچو مردانگيءَ کي
محفوظ رکڻ لاءِ
ضروري اوزار آهي
انهن لفظن کي
هن پنهنجو ايمان بڻايو
پوءِ جيئن جيئن
هو وڏو ٿيندو ويو
هن کي ڪچي جي عادت پئجي ويئي
هاڻ هن جي وک جو فاصلو
اوترو ئي هوندو آهي
جيترو هن جي ڪچي جي دِلَ
هن کي اجازت ڏيندي آهي

اُنهيءَ ڏهاري
هن کي اچي وهم ورايو تہ
هن جهنگل ۾
اُهو شيهن ڏٺو آهي
جنهن کي ڪچو پهريل هو
پر اِهو ڪيئن هوندو
هن پڪ سان ئي

غلط ڏٺو هوندو
ڪڏهن ڪڏهن
پالتو جانون کي
سندن مالڪ
ڪچو پائيندا آهن
جيئن پالتو
ڪنهن درجي تائين
پنهنجن مالڪن جي مخالفتين سان
برابري ڪري سگهن
۽ اُهي مالڪ
ٻين مالڪن کي
ٻڌائيندا آهن تہ
هنن جا پالتو
بدلجي رهيا آهن

اِها
انسان ۽ انسان جي
وچ جي ڀُڪ
تڏهن شروع ٿي هئي
جڏهن مِرونَ
ماڻهو ٽيڙ لاءِ
وک کنئي هئي

پر جهنگل ۾
هو هڪ اهڙو به هو
جو شايد
ڪچو ڪونہ پائيندو آهي
جڏهن هن کي
گولي هنئين ويئي هئي

تڏهن سڏانتي وڃ جي ٽارين
سس پس ڪئي
ءِ وڃ جي پنن آواز ڪيو
"هي رام"

هاڻ اسان کي
هر ان اُديوگ کي
جاڻڻ گهرجي
جتي اسان لاءِ
ڪيڇا تيار ٿيندا آهن
مرهيءَ ۾.....مٺ ۾
مسجد ۾.....مندر ۾
ڪانگريس ۾.....ليگ ۾
يا ڪاڪٽيل پارٽيءَ ۾
اسان پاڻ ۾
پنهنجا پنهنجا ڪيڇا جوڙيندا آهيون

اڄ مان ڏسان ٿو تہ
هن جو وهم
وهم نہ هو
اڄ شهر ۾
شهر جا سڀ شينهن
پنهنجي پنهنجي ڪيڇي سان
سوگها آهن
ڇو جو
هرهڪ شينهن کي وهم آهي
تہ شڪار صرف
ننگي شينهن جو جوئي ٿيندو آهي.

14

پئرس ۾

پهرين ڪِنَ

منهنجي اِنتهائي
نفس پري ڪلپنا
ساڪار روپ ۾
استيج تي آهي
سازن جون سموريون ڏنون
هن سان ننگو ناچ نچي رهيون آهن
۽ منهنجو ڪليل وات
هوا لڳل خون جي بوند وانگر
جميل ئي رهجي ٿو ويجي.

بئي ڪِنَ

سازن جون مڏر ڏنون
مونکي ڇُهن ٿيون
۽ مان ڏن جي سهاري
ڪلپنا جي ساڪار روپ کي ڇُهان ٿو
اندَ جي گهوڙي تي چڙهيل
منهنجو گهوڙو
پنهنجي منهن مان
ڪجهه سرجڻ لاءِ
بوند بوند ڪري
ڪا پوتر تا چڻڪائي ٿو

(سائي اجائي ٿي ويجي)
ءِ ساگر جون
آکاش کي ڇهندڙ گجندڙ لهرون
اِبدتا کي
جنم ڏين واري گجيءَ کي کوهي
شانت ٿي وڃن ٿيون.

ٽئين کِنَ

درياهہ ۾
لڙهندڙ آلو بُنـد
جنهن کي
باه ٻارڻ جي
باه ۾ برڻ جي
کا عادت کانہ آهي
ائين ئي
مان پنهنجو پاڻ کي پايان ٿو
هِنَ کِنَ

15

ايوڏيا ڪٽا ـــــ 1

جيسين تائين راجا هو
راڄ هو
سيني کي پڪ هئي
سُک آهي
سُک رهندو
راجا جي موت کان پوءِ
لڳاتار ٻارهان ڏينهن رودن جاري رهيو
مردي کي جلائڻ هنن کي منظور نه هو
هنن کي پڪ هئي
راجا جي مردي کي جلائڻ
سک کي جلائڻ آهي
نئين راجا کي اِهو پسند نه هو
هن سک جو جامو پائي
عوام کي دلاسو ڏنو
عوام کي لڳو
سک اڃان زندهه آهي
جڏهن ته سيني جي گهرن ۾
ان وچ جي ٻارهي ۾
ٻڌل گانءِ مري چڪي هئي.

16

ايوڏا ڪٿا ـ 2

راجا ڇوٽو مري
راجا ڪي مرڻ نہ گھرجي
جڏھن راجا مري ٿو
تہ ماڻھن
ءِ ماڻھن کان پوءِ جناورن
جناورن کان پوءِ جيت جنتن
ءِ بي فُرني ڳھيلن جي
پيٽ ۾ ـ بہ
فُرنا ٿا پيدا ٿين
"ھاڻ الاجي
گھاٽي جو ڏاند
ويھي تہ نہ رھندو؟"

17

ايوڌيا ڪٿا_3

جو جنميو آهي
سو ئي مرندو آهي
پوءِ اُهو پل
ايوڌيا جو راجا چو ڪونہ هجي

منتري ايندا پراڻنا ڪندا
پوجاري ايندا پوجا ڪندا
پرجا ايندي گل چڙهيندي
گهاٽي جو ڏاند
اوهو ئي ليکو ڪٽيندو
شوجي ڏاند جي سواري ڪندو.

18

ايوڌيا ڪٽا_4

مان
جو ڪجهہ ڏسان ٿو
ڇا سڀ سچ ئي ڏسان ٿو؟
گذريل پلَ جي ڪلَ سان
مان هن پلَ جو سورج ڏسي
ڪالهہ واري راجا کي
اڄ جي ايوڌيا تخت تي وهاري
ڇا مان چئي سگهان ٿو
تہ مون
راجا کي ئي
تخت تي وهاريو آهي؟

19

ماڻهو بهانا ٻڌائيندا آهن

ماڻهو
بهانا ٻڌائيندا آهن
ءِ مان
آڳوڻو ڏيکارينڈو آهيان

ماڻهو ماڻهن کي پرپٽ
حرامي چوندا آهن
ءِ مونکي منهن تي
حرامي چوندا آهن
مان به
ماڻهن کي ٻڌائيندو آهيان
"توهان سڀ حرام جوڻا کائو"
جنهن لاءِ به ماڻهو
بهانا ٻڌائيندا آهن.

20

گھوڙو ھن جو نہ ھو

ھُنن جي خيالَ
ھُن کي اُھو ڏنو
جيڪو ھُن جو نہ ھو

ڏنل گھوڙي سان
ھن کي ٻڌايو ويو
تہ
اِھو صرف تنھنجو آھي

ھاڻي ھن جو نہ ھو
نہ ئي شينھن ھن جو ھو

ھاڻيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ
ھن گھوڙي جي سواري ڪئي

ھاڻيءَ کانپوءِ شينھن
شينھن کان پوءِ ھرڻ
ھرڻ کانپوءِ باندر
باندر کان پوءِ پولنڊ
پولنڊ کي
ھڙپ ڪرڻ لاءِ
لڙيو ھو ھٽلر

21

پاليل نانگ

اڄ وري
منهنجي پاليل نانگ
ڪل بدلائي آهي
ءِ هو
اوپرو ٿو باسي

اڄ وري سچ
ڪوڙ ٿو باسي
ءِ
ڪوڙ سچ ٿو باسي.

22

سپنا تو وکيا آهن

مڏيون ڪاتيون
تکا چوڏا
هاڻ سِرَ رڌيندا سين
چوڏن سان

ڏنگ ـ نانگن جا مِنا آهن
هاڻ ڏنگيندا سين
اشارن سان

اهي سڀ سپنا ئي ته آهن
جن سان هڪ عرصي جي
گڏرنٽي آهي
جا تو وکي آهي
ءِ مون خريد ڪئي آهي.

23

مان ڪوئي بہ ٿي سگھان ٿو

ساگر کي چُھي
آڪاس کي نير پھچائڻ وارو
سون ورٽي ڳُرُ واري
پوري ڏرتيءَ جو ڏس
هاريءَ کي ڏيئي
اَڻ ڇھيل پوتر گرپ ۾
هاريءَ کان
نوڪدار هر هلارائي
بج ڇترائي
بج کي پچائڻ وارو
مان ڪير آهيان
پھرين کان ڏھين
آئيندھ کي جنم ڏيڻ لاءِ ويباڪل
ڏھينءَ کان ويھين
چنتائن ۾ وڪوڙيل
پوشيہ تي مضمون لکڻ وارو

ويھين کان ٽيھين
مجبورين کي ڏوئيندي
گرپ ڪيرائڻ جي ڪريا کي
پشتي ڏيڻ وارو
مان ڪير آهيان؟

برهمانڊ جي
هڪ وڏي فئملي پلئننگ تحرڪ جو
هڪ شڪار
مان ڪوئي بہ ٽي سگهان ٿو
مان سورج بہ ٽي سگهان ٿو.

24

ورهاڱي جي رات

اها هڪ دفعي جي ڳالهه آهي
ڪهاڻي نه پر حقيقت آهي
خوفناڪ رات
جا اچڻ واري هئي
اُن جي ٻوجهه
پهرين ماڻهن کي
پوءِ ڪوئن، ٻلين
۽ ڪتن کي به پئجي ويئي

اُها خوفناڪ رات
جا اچڻ واري هئي
اِهو خيال ڪير کي
ماڻهن صرف رنگ بدلايو
ڪارن مان گورا ٿيا
راڄ ڪرڻ لاءِ
اهو ضروري هو

ڪوئن ڇڄ ۽ مڇون ڪٽايون
شايد اِهو ضروري هو
سرحد پار پڄي وڃڻ لاءِ

ٻلين بہ سَنهنجي ٻَالهہ ڪئي
ڏرتيءَ جي هنج ڇڏي
مالڪن جي هنج ۾ پناه ورتي

ڪتن ايمانداريءَ سان
پڇ لوڏيو
پنهنجن مالڪن جو
ساڻ ڏنو
۽ ماڻهن سان عيد منائي
مٽي ڪيرٽي ڪاڏي
هاڻ
مڇ ڪٽيل لنڊا ڪوئا
خوش آهن
جو ايمان سان
هنن نوان سهڻا
ٻر جوڙيا آهن

ٻليون بہ خوش آهن
جو نئين هنج ۾
نئين ايمان سان
سندن پٽي مهٽي ٽي وڃي

ٻر ڪتا دکي آهن
جو مٽي ڪيرٽي ڪائي
وار ڇٽائي
نہ گهر جا رهيا
نہ گهاٽ جا

ماڻهن جو راڄ

ايجان برقرار آهي
اُهو ئي لاتون آهن
اُهي ئي چگهه آهن

پر منهنجو پاڻ کان سوال آهي
مان ڪهڙي طبقي جو آهيان؟

25

اوندهہ ۾

پريہ!
هن اوندهہ ۾
لکندو ٿو وڃان
اکرن مٿان اکر
لکندو ٿو وڃان
ڪير سمجهندو
هيءَ لپي
هيءَ ياشا
شايد تون بہ نہ
پريہ!
انهن ليکن کي پڙهڻ ڇڏي
پيهي ڏسج انهن ليکن ۾
منهنجو مهانڊو پائيندين!
اکرن مٿان اکر
ليکن مٿان ليکون
ڦٽڪندڙ ليکن ۾
منهنجو چيٽاڙيل پيار
تون پائيندين پريہ!

26

وڇوٽي

جهوٽي ۽
نند جي وڇوڙ
جا سجاڳي آهي
اِها به
هڪ وڇوٽي آهي

اِن وڇوٽيءَ کي
ماڻڻ جو درد
مونکي رکي وينو آهي
سجاڳ

27

اِنتظار

اِنتظار ــــ اِنتظار
اونهارو ويو
سيارو ويو
ويئون ڪيئين بهارون گذري
نند نہ آئي نيٹن ۾

پوءِ....
..... ءِ پوءِ
مونکي وڏائون بڻيءَ ۾
ءِ مونکي نند اچي ويئي.

28

من جي سنسان گهٽيءَ ۾

من جي سنسان گهٽيءَ ۾
مان اڪيلو
هڪڙي بتي ..... ٻُر ٻُر ڪندي
ڪڏهن ڪڏهن اُجهامي ٿي
آبادي بہ لڏي ويئي
هڪ عرصو ٿيو
خوف نااُميد ٿي نڪري ويو
شايد هر ڪنهن کي
آڏار ٿو گهرجي
ءِ مان هر روز
هڪ قبر ٿو کوٽيان
پنهنجي ئي هڪ اُميد کي
دفنايان ٿو
من جي سنسان گهٽيءَ ۾
وري وري تنهنجي ياد
آٽي ٿي بهاري هن موڙ تي.

29

اُس

اُس سؤ پيريءَ جيان
ڏرتيءَ جي ڇاتيءَ تي
وڏندي ٿي اچي

ياد..... تنهنجي ياد
اُس جيان باهه مچائيندي ٿي اچي

تنهنجو
آلن وارن جي بهاني ڪُڏ تي اچڻ
ڇ ڪن پل ۾ ئي
اُس جو جو هِل جيان اُڏي ويڃ

او! هو!!
اڳ بہ اُها اُس هئي
هاڻ بہ اها اُس آهي
هڪ سؤ پيري ـ هڪ هِل

اوشکارپور

30

او شڪارپور

جيئن شڪارپور ۾
شڪارپور جو شاهي باغ
لکيدر جي گهنٽاگهر ۾ سج
مَٹَ ۾ سلوڪ
گئوشالا ۾ ڳئو
مرهيءَ ۾ سنتن جو ٿانءُ
اُئين ئي ..... مان .....
پنهنجو پاڻ ۾

ڪنهن مسيحا چيو آ
"تون پنهنجا ڪپڑا لاهي
تن کي بہ تن تان لاهي
موري تي رکي اَڇُ
ءِ اَڇُ تہ پيار ڪريون"
اهو ئي تہ رواج آهي
تنهنجو منهنجو
تن کي بہ تن تان لاهي
موڙي تي رکي اڇ
ءِ اَڇُ تہ پيار ڪريون
او شڪارپور!

مان
ساهه کٹان ٿو
اڄ
اِن جو احساس ٿيو آهي
هاڻ خطرو
صرف مون لاءِ نہ آهي
خطرو تو لاءِ بہ آهي

پر ڇا
ائين ممڪن آهي
تہ تون ۽ مان
مري ويون
بنا ڄاڻ جي
تہ اسان ٻئي
چاڙو چڙي رهيا آهيون
او شڪارپور!

جڏهن تنهجي
اک چنبي تي
رڪندو هو وقت
توکي
وقت جي وياکلتا جو
احساس نہ هو

هاڻ جڏهن
مان تو وٽ اچي بہ
موتي چڪو آهيان
توکي منهنجي
غيرحاضريءَ جو

احساس ٿيو آهي
او شڪارپور!

مون جو توکي آڇيو هو
سو ئي تو
اَسويڪار ڪيو هو
۽ تون
جو اڄ
مونکي آڇين ٿي
مونکي اَسويڪار آهي
سڄ
جي لٽا هئا
چڙهيا هئا
ان وچ۾
ساڳيا تہ نہ هئا
او شڪارپور!

هِردو ۽ هانڊو
هانڊو ۽ هِردو
تنهنجون ۾ شرابي
وکون ئي تہ هيون
او! يانگوڙي شڪارپور!

اسان جي ٿهڪن سان
باغ ۾ گل
ڇٽي نہ پون ۽ وري ڪائي
لنبي عرصي واري خزان نہ اچي
اسان صرف من ئي من ۾
مسڪرايو آهي

۽ جڏهن
ساهه جو احساس ٽيو
من اندر جي مشڪ وڪڻي ٻه
اسان پراون سان
واعدا ڪرڻ لاءِ
ٻهانا ٻگولهيا آهن
او شڪارپورا!“

توکي ياد هوندو
وڇوڙي وقت
تنهنجي مُٺ ۾
سپ ڪجهه هو
مون کي ڏيڻ لاءِ

شبد پنهنجا نقش
خاموشيءَ جي ڪينواس تي
چٽيندي چٽيندي
وقت جي ڏر کان
پنهنجو پاڻ ۾
پيهي ويا
۽ اهو سپ ڪجهه
تو وٽ ئي رهجي ويو
اڄ مان آيو هوس
مُٺ ۾ شبد
پنهنجي پلوَ ۾
پائڻ لاءِ

هڪ اَسهاس رولاڪ

پنهنجي ئي خيالن جي
ڊپ ۾ وڪوڙيل
سنسار جو پهريون ڪافر
اُهو چارواڪ
پنهنجي واپسيءَ کي
هڪ رولاڪ جي واپسي ڪٽي
آيو هوس تو وٽ او ديوي!
او شڪارپور!
پر منهنجي واپسي
هڪ مسافري بڻجي ئي رهجي ويئي

تو وٽ ڪجهه به ته نه هو
مونکي ڏيڻ لاءِ
او ديوي!
او شڪارپور!

جن کي مرڻو هو
مري چڪا آهن
جن کي جيئڻو آ
جيئي رهيا آهن
اتي به
هتي به
توکان سواءِ
او شڪارپور!

ائين ناهي
ته تنهنجي
ڇايا ئي صرف
پوڳيو آهي

تون بہ تہ بيمار آهين
او منهنجي شڪارپور!

تون ڳورهاري هُئينءَ
جڏهن
نڪتو هوس مان اِتان
هاڻ پيٽ ڪي
ڇڏي ڏي
ڇاتيءَ تي هٿ رکي ڏس
توکي شڪ ٿيندو
پنهنجي جيئڻ تي
او شڪارپور!

هوا
اکيون ٻوٽي
لنگهي چڪي
تنهنجي قبر تان
اتهاس بہ لنگهي ويو
بنا سجدي
۽ تون ڪنبندڙ هٿن سان
رڌل آهين
پنهنجو ماضي لکڻ ۾
او شڪارپور!

تون
سنڌ واهہ ئي تہ هئينءَ
تون
ڪوهہ ڪونر بہ تہ هئينءَ
تون

شاهي باغ بہ تہ هئينءَ
سامي شير بہ تہ هئينءَ
سپ چيت چيت ٿي ويا
ءِ پوءِ بہ
هڪ چيت بہ نہ چيي
منهنجي ڪافور ٿيل سرير ۾
جڏهن مون توکي ڇهيو هو
او شڪارپور!

آسمان تي لکيل
اِهو تہ تو پڙهيو هوندو
'سور اُهي ئي ٿيندا آهن
پوءِ پلاشڪ
ڪُڪ حرامي ڇو ڪونہ هجي

ڏُکَ ڪائي ڇِپَ نہ آهي
جا ڪري آهي ..... تو مٿان
نہ ئي ڏک ڪو درياهہ آهي
جنهن ٻوڏان ٻوڏ آندي آهي

ڏک تہ
اسان ئي پوکيندا آهيون
موريءَ وانگر بصر وانگر
ءِ صرف
اَسويڪار ڪندا آهيون
پنهنجي 'پيٽ' کي
'ڪَرَڻَ' کي
حرامي ڇئي
او شڪارپور!

ڇا ڪُلُ ئي مڪتي
اِنسان لاءِ
ضروري نہ آهي
جيئن هو
ابتدا کان اڳ
ءِ انتها کان پوءِ بہ
شاهہ جي مارئي وانگر
جيئرو رهي سگهي
جيئن زندگيءَ جي
ڪُليت جي ڪُلُ جوڙ ۾
ڪُلُ ئي جيئي سگهي ؟

تون
منهنجي پڻيان
ڇو ڪونہ ٿي اچين
او شڪارپور !

هيءُ جو
تو ڪاوڙ ڪري
ڪڍي ڇڏيو.... مونکي
پنهنجي ئي گهر کان ٻاهر

اڙي او شڪارپور
ٻُڌُ مان بہ
غير قانوني قبضو
رکي ويٺو آهيان
هي سراءِ تي

سدائين گڏ آهيون

اِهو هڪ واعدو
اجنبي نہ هوندي بہ
نہ ڪري سگهياسين
او شڪارپور!

هن دفعي
شڪارپور جي شهرِ
ڏڪ بازارِ ۾ بوڏ هئي
ءِ ماڻهو
پاڻيءَ ۾
پاڻيءَ مان
پنڌ ٿي ويا

چرين ۾ انيڻن واريءَ
گهٽيءَ جي هن پر
تيڪچند پانشالا ۾
ماستر سانولداس
بيد جي لڪڻ بدران
لٺ جي سهاري
ڪرسيءَ تان اُٿيو
ءِ منهنجا هم ڪلاسي
اُڏهي ڪادل ڪاري بورڊ ۾
پيهي ويا
وقت
بورڊ تي
ڪاري رنگ ۾
ڏڪيل وجهي
منهنجي هم ڪلاسين کي
منهنجي ئي برعڪس بڻايو

ڪارو بورڊ ۾ منهنجو ڪلاس
ٻئي
هڪ ئي قانون جا شڪار آهن

سامي شير تي
آتي جي چؤمکي ڏيئي جي لاتن مان
چؤطرف
بجليءَ جو تارون ڦهليل هيون
لٽڪيل ڏيئي جي
پيٽ واري ٽنگ مان
(جو چوڏهين آگسٽ تي مون ڪيو هو)
تيل جو ننهن سوسڙو ڦڙو
رکي رکي ايان ۾ ٽپڪي رهيو هو
مون هٿ وڌائي
اُن ڦڙي کي تريءَ تي ڪنيو
پر هو هڪ ڪن ۾ ئي پار نڪري ويو
منهنجي سيتل ماس مان.

هن دفعي
لکيدر تي گهنتا گهر
منجهند جو ٻي بجي
شام جا پنج گهنڊ ڪونہ هنيان
اُنهيءَ کي ۾ بخار هو
يا لقوي جي مرض ۾
ريڙهيون پائيندي
لاچاريءَ جو اظهار ٿي ڪيائين
مون وانگر

هن دفعي

شڪارپور جي شهر ۾
باغات هئي
سائي نہ هئي
ڪاري هئي
ڪاري باغات
جيئن مون ڏٺي
ڪاري جهنگل جي
ڳاڙهي ڏرتيءَ تي
چيريل ڦاڪ ۾
مون ۾ج پوکڻ ٽي چاهيو
ان زهر کي
جيئن مان ئي پي سگهان
مان ئي .....مان ئي
صرف مان ئي

هن دفعي
شڪارپور جي شهر ۾
آسمان ۾ سج ڏٺم
هڪ ليڪيل ليڪ وانگر
جيئين ۾اراٽي مورت ۾
ءِ
منهنجي اندر جو چنڊ
پاٽي ڇنڊي کان پوءِ
وسايل تانڊي جيئان
جِئي رهيو آهي

ٻيهريءَ جي ٻوسات ۾
خاموشي نچي رهي هئي
ءِ تانڊن تي ڊڪ بازار ۾

گھٽجي رهيو هو ــ منهنجو گلو
تڏهن مون
هڪ ئي ڀيٽ ۾ هوڪو ڏنو
"جهليءَ وارو.....و.....و"
ٻ ڪنهن در پٽي گار ڏني
"چريءَ جو پُٽُ"

هن دفعي
شڪارپور جي شهر ۾
مون پدوءَ کي چيو
"ٻڌي ٿي وئي آهين آهين ؟"
ٻ هن موٽ ۾ ورائي چيو
"اِها به ڪا ڳالهه آهي
ائين ئي ته ٿيندو آهي"
ٻ
منهنجي من جي آرسي ٽٽي پيئي
او پدمڻي !
او منهنجي شڪارپور !

شڪارپور هڪ ٽيشن آ
هڪ رواجي ٽيشن
مون شڪارپور جي ٽيشن تي
لکيل شڪارپور جي نالي سان
اَکر جنڪشن جوڙي ڇڏيو

جنڪشن تان رخ ڦيري
ڇٽل گاڏي الاجي
وري ڪڏهن واپس به ورندي
جڏهن ڇٽل ريل کي به

خبر پئجي چڪي آ
شڪارپور هڪ ٽيشن آ
هڪ رواجي ٽيشن

شڪارپور ۾
گهر کان ٻاهر
ڏسڻ لاءِ
دري کولڻ جي ضرورت
ڪونہ هوندي هئي
دريءَ جي تاڪ جي وچ۾
چير هوندا هئا
ماڻهو ننڊ ۾ ٻہ
گهٽيءَ ۾ ايندڙ ويندڙ
جي سوچ کي
سُئي سگهندو هو
شڪارپور ۾
شڪارپور جو شڪارپوري

شڪارپور جو شڪارپوري
هاڻ ٻہ سوچيندو آهي
دريءَ جي تاڪ جي
وچ۾ چير کي
هميشه هميشه لاءِ
بند ڪرڻ لاءِ

الاجي ڇو
مان روز روز سپنو
ڏسندو آهيان
جڏهن تہ

اڄ بہ صبوح جو
تنهنجو پتو
وهاٽي هينان هو

لکيل ٽڪاٽو بہ صحيح آ
ٽڪليون بہ ٽيڪ ٽاڪ لڳل آهن
پر پوءِ بہ
لفافو ڇو آيو آهي موتي

هن دفعي
شڪارپور ۾
سيني جون نظرون
مون تي هيون
جنهن جنهن گهٽيءَ ۾
مان ويس
صرف سيني کي
شڪ هو
پنهنجي پنهنجي
اعتبار تي

مون لکي هئي
پنهنجي نالي
پنهنجي پتي
پنهنجي ڳوٺ
هڪ چٺي
نند جويريءَ ڏانهن
لوهن جي حاويلي ۾
جا ڏکڻ بازار ۾ آهي
شهر شڪارپور ۾

موٽ ۾
اُتان بہ آيو هڪ لفافو
(جو اڄ ڏينهن تائين ڪونہ کوليو آهي)
بمبئيءَ ۾ منهنجي پتي تي
الله بخش سومري ڏانهن
شيام نواس جو واسي
واربن روڊ تي وسيل
شهر بمبئيءَ ۾

لکي در تي ..... پڙهي واري
هڪ پڙهو پڙهيو
"ہٹو پائرو ہٹو
هو اچي چڪو آهي
ٽيشن تي لهي چڪو آهي
پنهنجي سموري فوج
ءِ بارود سان
پهچي چڪو آ
الاجي ڪنهن ڏنو هو هن کي ڏس
پر اسان بہ ڪچائي ڪئي هئي
شهر جي ضمير سان گڏ
ٽيشن جو نالو بہ
بدلڻ کپندو هو
هاڻ الاجي ڇا ٽيندو
سرڪار جو اعلان آهي
"هرکو پاڻ سان
جوابدار رهي
سرڪار هٿ کٹي چڪي آهي
هاڻ الاجي ڇا ٽيندو؟

هاڻ الاجي ڇا ٿيندو؟"

"ٻڌو پائرو ٻڌو
هاڻ خبر آئي آهي تازي
هوپڇي ويو آهي
پنهنجا سڀ هٿيار
ڦٽا ڪري
واپس وڃي چڪو آهي
هن کي شهر جي
نئين ضمير جي جاڻ
اُتي ئي ملي چڪي هئي
ويچارو
چريو هو ــــ چريو ٿي پيو
سيني کان پڇندو پڇندو واپس ويو
شڪارپور ڪٿي آهي؟
شڪارپور ڪٿي آهي؟
ائين ئي پڇندو پڇندو
موٽي ويو
هاڻي سيئي وڃي
سڪ سان سمهون"

اُهو هڪ وقت هو
شڪارپور ۾ هر روز
مرندا هئا ماڻهو
روز روز جنم وٺندا هئا ماڻهو
جيئن باقي شهرن ۾ ٿيندو آ
پائي اوڏوداس تاراچند چاپڙيا
جڏهن ٻيهر جائو ته
اسپتال جي ڏاڪن تي جائو

ڇ اڄ تائين
روز روز
روندیو ویندو آهي
اسپتال جي ڏاڪن تي
امرتا رکندڙ پیرن
ڪڏهن بہ هن تي دیا ڪونہ ڪئي

اڄ اگر مان
توکي ٻڌایان
سامیءَ کي
ساڙیونہ ویو هو
پر
دفنایو ویو هو
ڇ هن جي قبر تي
اڄ بہ روز
گل ترندو آهي
تہ ڇا تون
هن جي قبر تي
سجدو ڪرڻ ویندینءَ

یا
توکي اهو بہ ٻڌایان تہ
تنهنجي بابي جي بابي
ڇ اُنهيءَ جي بابي جي بابي کي
دفنایونہ ویو هو
پر ساڙیو ویو هو
اُتي
جتي
تون وسرام ٿو ڪرین

بر جو گھاتو وڻ
اُپري چڪو آهي
تہ ڇا
تون نند تياڳي
پنهنجي نئين نسل کي
ٻڌائيندين
تہ سامیءَ کي ڇو
ساڙيو ويو هو
ءِ هاڻ جڏهن
سامیءَ کي روز
دفنايو ويندو آهي
شڪارپورِ

سامي شير تي
وسايل ڏيئي جي وٺ مان
اُپيلُ سفيد پوش دونهون
نہ ٻولي ٿي سگهيو
نہ ٻاڪاري
پنهنجي ئي پومي گرست پيرن کان
لاچار هو
ءِ
منهنجو پنهنجو ئي پنجو
بي خوديءَ مان
منهنجي پنهنجي ئي ڇاتيءَ تي
روح
ڳولهي رهيو هو

منهنجي شهر شڪارپورِ
ماٺهو اُهي ئي هئا

پر هنن
ماس ڪائڙ چڏي ڏنو هو

سمو ڪاٺ ڪي
ڪائي نہ سگهيو هو
پر ماٺهن
ڪاٺ ڪائي چڏيو هو

گهر اُهي ئي هئا
پر در اُهي نہ هئا
در بنا ٻانهن هئا
بي نور دريون هيون
نہ پاڪر هئا
نہ قرب پريون نظرون
درن درين جي گلڪاري
سامي ـ فاني ـ ايياز
سپ لڏي چڪا هئا
منهنجي شهر شڪارپور مان

پيڙت لکيدر جو گهنٽاگهر
ڪاڇيل ماس جو پتلو هو
هنن هن کي عجائب سمجهي
پاڻيءَ کان رهت رکيو هو
گهنٽاگهر جي ڇايا کان رهتِ
سنڌ واهہ سڪي ويو هو
ماڇين واري پل ۽ ريلوائي پل
ٻنهي کي پنهجي هوند تي اعتراض هو
سنڌ واهہ تي ليپي لڳل
آسائشي ڪوٺيون

ڏهي چڪيون هيون
سندن موت تي
نہ باهہ ٻري
نہ ڪنهن قبر کوٽي
لاوارث لاش کي
ميونسپالٽيءَ ٻہ لاوارث چڏي ڏنو
هنن شاهي باغ کي
ڪنهن شهيد جو نالو بخشي
باغ ۽ شهيد کان
پاڻ کي آجو ڪيو هو

نہ کوهہ هئا
نہ ڪونر هئا
ماڻهو اُهي ئي هئا
پر جانور نوان هئا
جانورن کي سنتوش هو
ڪنهن گٽر جي هوند تي

نہ هانڊا هئا
نہ ڏياريءَ جا ڏيئا
موسيقي
ڪنهن ڪسيءَ جي
گهنگهرن جو آواز هو
عطر رابيل
گلاب موتيو
ڪنهن ڪتاب جي پني تي
لکيل کي بي معنيٰ لفظ هئا
ڪاغذ جا گل ٻہ
لڏي چڪا هئا پنهنجو وطن

هاٽي گرميءَ ۾ ماٽهو
سم اوڀي
سم تي سمهندا آهن
سائي سم
سائي لڳل پٽ
سائي رنگ جا ماٽهو
ڪيئين رنگن جا سوال ڪٽي
هڪ ئي رنگ
'سائي' جو جواب پائي
جيئندا آهن ماٽهو
سائي سوچ
سائو پهراءُ
سائي رنگ ۾ رنگجيل
منهنجي شڪارپور
سائيءَ جو شڪار
منهنجي شڪارپور

ڪئلاش کان مانسروور ۾
مانسروور کان سنڌوءَ ۾
سنڌوءَ ۾ منهنجا ترندا
منهنجا سپنا
جڏهن سنڌ واهه تي پهتا
منهنجن ئي حواسن
انهن کي هوڙي ڇڏيو

پٿر سان سنگ نه ڪج
او شڪارپور!

آخر پي

شڪارپور آهي ڪٿي ؟
توهان کي خبر آ ؟
شڪارپور ڪٿي آهي ؟

سڪندر يونان ۾ ڄائو هو
يونان اُهو آهي
جتي سڪندر ڄائو هو
ان کان وڌيڪ
ڄاڻ رکڻ ضروري به نه آهي

هر شڪارپوري
شڪارپور ۾ ڄائو هو
پر هر شڪارپوري
شڪارپور ۾ ڪونہ جنميو آ

کهڙو فرق ٿو پوي
اگر
پوگول واري شڪارپور
پومي گرست ٿي چڪي هجي

کهڙو فرق ٿو پوي
اگر شڪارپور جو نالو
بدليو به ويو هجي
کهڙو فرق ٿو پوي
اگر ڪنهن کي
شڪارپور
اُتر اولهه جي بدران
ڏکڻ اوپر ۾ ملي
ماٺهن کي شڪارپور گهرجي

تہ پوءِ
هو چو ڪونہ ٿا
هٿ لکيل پرزي تي
وشواس ڪن
چو ڪونہ ٿا
ڪنهن ويٺل ڏانهن
هٿ ڏگهيڙين
هٿ ڏگهڙي ڏسن
جِتَ ٻِ پائيندا
شڪارپور

شڪارپور
ڪنهن زمين جو نالو هو
ڪنهن زمين جو نالو ناهي
شڪارپور
ڪنهن سرير جو نالو هو
ڪنهن سرير جو نالو ناهي
شڪارپور
هڪ روح جو نالو هو
هڪ روح جو نالو آهي
.....؟.....!.....؟
.....!.....؟.....!
منجهڻ سياوڪ آ
جو شڪارپور کي ڳولهڻ لاءِ
شڪارپوري هئڻ ضروري آ
هٿ ڏگهيڙي ڏسو

"پريل گهر
بگيءَ تي ڪٽي

ٽيشن تي خالي ڪري
بگيءَ واري
وري ورائي نہ ڏٺو
تہ ڪو خالي ماڻهو
پريل گهر ڏوهيندو
سرحد پار هلي ويو“

”سانت
”.....“
سانت جا برهما جي
نند کان پوءِ هوندي آهي
ان سانت کي چيريندو
گهوڙو
جڏهن نند لاءِ
طبيلي تي پهتو
تنهنجي لڳايل ڏور
اجان هن جي
ڏاڙن ۾ هئي

سانت
”.....“
سانت جا برهما جي
سجاڳيءَ کان اڳ هوندي آهي
ان سانت کي چيري
ڇا بگيءُ جو گهوڙو
وري اُٺندو؟
ڪو پريل گهر
ڪو خالي ماڻهو
ڏوهڙ لاءِ

ٽيشن ايندو
او شڪارپور؟

انتهائي خاموشيءَ ۾
منهنجي مؤن ورتي
رڙهندي رڙهندي
شهر جي اُن چؤوات تي
پهچي ٽي
جتي اڪيچار انسانن کي
صليب تي چاڙهيو ويو آهي

مان پيغمبر کي ٽو ڳولهيان
جيئن سجدو ڪري
پنهنجي مؤن ورت کي ٽوري
سنسار کي چلائي چلائي ٻڌايان
اهو پيغمبر تون ئي آهين
جنهن کي تو ئي
صليب تي چاڙهيو آهي
او شڪارپور!

رات جي پوئين پهر جي
اک جي پوئين پلڪ
مان ئي هوس
پريات جي
پهرين پل جي
پهرين پلڪ ۾ مان ئي هوندس
تنهنجي اک جي هر وک
مان ئي هوندس

او شڪارپور!

او پيارا پائواياز
توکي ياد هوندو
جڏهن گلاب کي
گلابي رنگ مليو هو
لهو جو پکڙيل هو
سيج تي سفيد چادر تي
منهنجي جنم ڏينهن تي
پوءِ اُهو ئي رنگ
اُهائي سڳنڌ بڻي هئي
توکي ياد هوندو شايد
او منهنجا پيارا پائواياز

وقت
چادر تي پکڙيل لهوءَ کي
ڏوئي ڇڏيندو شايد
پر گلاب تہ
خوشبوءِ ڪونہ ويڃائيندو
ءِ تون
ڪنهن پنکڙيءَ کي ڪٽي هنج ۾
ڇا ڪنهن طوطلي ٻوليءَ ۾
پنهنجي نئين نسل کي
ٻڌائيندين
گلاب گلابي ڇو ٿيندو آ ؟
گلاب خوشبوءِ ڇو پاتي هئي ؟
جيئن وري
شڪارپور جي شاهي باغ ۾
گلاب جا گل

موتي اچن

اُن رات
شڪارپورِ
هوا بہ مايوس ٿي
سمهي پيئي
ءِ اچانڪ
منهنجن ساسن جي
هڪ پٽڪ مونکي چتايو
خدا ايا جيئرو آهي

متيءَ جون ڪچيون سرون
هو ڪلهي تي ڏوهيندو
هڪ طرف رکندو ٿي ويو
خچرن جو نظرون
سرن تي هيون
خچرن جا ڪن ڏرتيءَ ڏانهن هئا
خچرن جي اکين ۾ نير هو
تڏهن مون هن کان پڇيو
"او خدا تون ائين چو ٿو ڪرين ؟"
چيائين "هان هن دڙي کي
مون کان سوءِ ٻيو ڪير ڏوهيندو ؟"

31

جتي

پلئٽفارم تي
بينل ريل گاڏي
هلي نہ ٿي هلي

تڏهن مون بابا کان پڇيو
"ريل ڪڏهن هلندي؟"
بابو بہ بي خبر هو
پر تہ بہ چيائين
"جڏهن ريل جي ڏبي تي
لکيل لفظ
صحيح پڙهيا ويندا
هيءَ ريل هلندي"

مون اُهي لفظ
نہ پڙهي بہ پڙهيا
شايد ٻين بہ ائين ئي پڙهيو
سڀ غلط هئاسين
سڀ غلط ٿياسين
ريل ڪونہ هلي

تڏهن هڪ گهورڙيي بہ
اُهي لفظ پڙهيا
ءِ وڏي واڪي چيائين
"هندو پاڻي.....مسلمان پاڻي"

۽ ريل هلي پيئي

جڏهن ريل هلي هئي
هنن چنڊ رات ڪئي
چنڊ پتڪيل ريل گاڏيءَ مٿان
چانڊوڪيءَ جا گل
ڇڪائيندي ڇڪائيندي
پنهنجي وجود کي
ڏرتيءَ تي
ٽڪر ٽڪر ڪري
ڪوهي ڇڏيو
تڏهن مون چنڊ کان پڇيو
"تنهنجي هستيءَ جو ڇا ٿيو؟"
ڇيائين
"ريل گاڏيءَ تي لکيل لفظ
مون به پڙهيا هئا
مان به دوکو کائي
هلندڙ گاڏيءَ ۾
چڙهي پيو هوس
پنهنجي چاندنيءَ تي
بي پروسي ٿي
لوهي جي چمڪندڙ پٽن تي
پروسو ڪيو هوم
اسيم سک ۽ پوڄتا
اسان جي آتما کي
پاڻ وٽ گروي رکي
پنهنجي ڇانوَ ۾
اسان کي آسرو ڏيندا آهن
مون به اُن اُپيوڄتا ۾

پاڻ ويجائي
پنهنجو آتم
ڪوهيو آهي
ءِ هاڻ پنهنجي آڪار کي وٺوري
پٽڪندو ٽورهان
پٽڪندو ٽورهان ....“
ءِ ان کان پوءِ
چنڊُ
ڪڏهن بہ پنهنجي آتما سان
ڪونہ اُپريو

مان.....
مان اُن گاڏيءَ ۾
ڪونہ چڙهيو هوس
پر چاڙهيو ويو هوس
عمر ئي اهڙي هئي
اُن وقت
بابي بہ جهٽ پٽ ڪئي
تڪڙ ۾ هن جي جتي
پلئٽفارم تي رهجي ويئي
اُن وقت منهنجي ننڍڙين اکين
اُن جتيءَ کي چتائي ڏٺو هو
منهنجي وک ايڏي وڏي نہ هئي
جو جتي بہ ڪٽان ءِ ريل بہ ڪٽان
بابي جي جتي
منهنجي آئيندھ جي پونجي
اُتي ئي رهجي ويئي

ريل مان لٽڪندڙ

منهنجون ڇنگهون
نئين هوا جي تيز رواتن سان
گسي ..... گسي....
اڄ پنهنجو آڪار
ڪوهي ڇڪيون آهن
ڇوندا آهن
نندي هوندي جي وِڏَ
ورثو ٿي پوندو آهي
اڄ ـــــ مان بہ
وارثي اپاهج آهيان
جنهن جو علاج
الاجي آهي يا نہ آهي

سچ تہ منهنجي مٽي ۾
اِها بيماري آهي ئي ڪونہ
پر پوءِ بہ
منهنجي پوين کي
اها بيماري
پنهنجي مٽي تي
ڪٽڻي ئي پوندي

اڄ منهنجي نظر
صرف بيمار ماڻهو ئي
ڏسي رهي آهي
مون اُنهن ماڻهن کان پڇيو
"توهان بيمار ڪيئن ٿيا ؟"
ڇيائون
"اسان بہ ريل گاڏيءَ تي
لکيل لفظ

غلط پڙهيا هئا
پر ريل هلي پيئي
سواري ٽيندي
شيل ٽيندو
اِها پڪ هئي
رفتار تي سواري
سورويئر ئي ڪندا آهن
اسان بہ رفتار تي سوار ٿياسين
پر سواريءَ لاءِ
جا سگهہ گهرجي
اُها تہ سوين سال اڳہ
اسان وڃائي ڇڏي هئي
اسانجي جتي بہ
پلئٽفارم تي رهجي ويئي آهي"
"تہ پوءِ زنجير ڇڪيون ؟"
" نہ.....نہ.....
ائين هرگز نہ ٽيڻ گهرجي
پلئٽفارم تہ
گهٽو گهٽو پنتي
رهجي ويو آهي
وقت بہ گذري چڪو آهي
باقي جتي
اسانجي پيرن لاءِ هوندي بہ يا نہ !
(انهيءَ ۾ بہ شڪ آهي)
وقت اُن جو مقدار گهٽائي
ءِ اسانجي پيرن کي وڌائي
ڇڏيو هوندو"
تڏهن مون

هنن جي پيرن ڏانهن ڏٺو
هنن کي پير هٿائي ڪونہ
هو بہ مون وامگر آپنگ هٿا

پر پوءِ بہ
الاجي چو
مونکي وشواس هو
بابي جي چڏيل جتي
مان ڪمر آٽي سگهندس

مان رڙهندو رڙهندو
پلئٽفارم تي پهتس
ڏينهن جي تيز تپت ۾
ڏرتي باهہ ۾ ٽي ٻري
بابي جي جتي
وچ پلئٽفارم تي پئي هئي
شايد ان کانپوءِ
اُتان ڪا ريل گاڏي
ڪونہ گذري هئي
ءِ هو
اُهو ئي گهورڙيو
جتيءَ جي اڳيان ويٺو هو
هو اُن جتيءَ کي
چتائي ڏسي رهيو هو
ٽر ٽر ڪنبي رهيو هو
پيانڪ ٽڏ
جا شايد ريل جي وڃڻ کانپوءِ
هن جي سرير کي وڪوڙي ويئي هئي
هن جي جهريل ماس تي

ٽڏ جو اٽيو خشڪ تھ
صاف نمودار ھو
ھو پنھنجا پير
وري وري جتيءَ ۾
ڦھڪائي رھيو ھو
تڏھن مون ھن کي
ھڪل ڪئي
ءِ ھن مونکي سڃاڻي ورتو
منھنجي بابي جي جتي
پنھنجن ھٿن ۾ ڪٽي
ھو منھنجي آڏو اچي ويٺو

سانت
سانت جا برھما جي سجاڳيءَ کان
اڳ ھوندي آھي
اُن سانت کي برقرار رکي
ھن پنھنجي اڌ ٻوٽيل نظرن سان
منھنجي بيمار اکين کي ڏٺو
ھن جون نظرون
ڏيري ڏيري
منھنجي سرير تان سفر ڪندي
منھنجي اَپنگ پيرن تي اچي اٽکيون
ھن جي نظرن ۾
طنز ھئي، قياس ھو
ڏڪار ھئي، پيار ھو
اُھو سپ
منھنجي لاءِ
پنھنجن اکين ۾ سمائڻ
ناممڪن ھو

مون شرم کان
پنهنجون اکيون ڪٽي ٻوٽيون
تڏهن
ويندي ويندي چپ ئي چپ ۾
هن جون نظرون چونديون ويئون
"پورٽتا پيرن سان ٽيندي آهي"

ءِ مان اَپنگ
بابي جي جتيءَ کي ڇهڻ لاءِ
رڙهندو رهيس
رڙهندو رهيس
ءِ رڙهي رهيو آهيان
پورٽتا کي پائڻ لاءِ.

32

ڪٽ

مان سمهي نٿو سگهان
ممبئي شهر ئي اهڙو آ
مان ڳوٺ مان نڪتو هوس
ڪٽ ڪٽي نڪتو هوس
پر جنهن بہ زمين تي پهتس
ممبئيءَ ئي پهتو هوس

ممبئي شهر ۾
ڪوئي ڪونہ سمهندو آهي
اِهو ئي هتي جو سرشتو آهي
هتي
ڪڏهن ڪوئي ڪونہ سمهندو آهي
سرشتي جي تحت
هنن سيني
ڳوٺ مان

ڪٿون آنديون ئي ڪونہ آهن
هنن سيني جا ڳوٺ
وڏي پنڌ تي آهن
پوءِ بہ سڏ پنڌ تي آهن
ءِ وقت ٿيو
منهنجو ڳوٺ
منهنجي برعڪس جزن ۾
ولين ٿي چڪو آهي

اڪثر ممبئيءَ ۾ ماڻهو
ڇپي ڪي ڪٽ لاءِ ڪٽي
سنتوش ڪندا آهن
مون ڪٽ ڪي ڇپو ناهي
پنهنجو وجود قائم رکيو آهي
هتي جي سرشتي ۾
ڇپو وجود آهي
ءِ ماڻهو صرف اُنهيءَ جو پاڇو
رات جو
ڇپو ننڊ ڪندو هوندو شايد
پاڇو
برعڪس روشني جي ڊپ کان
ڏکندو ئي رهندو آهي
هتي اوندهہ ٿيندي ئي ڪونہ آهي
هتي صرف حادثا ٿيندا آهن

روشنيءَ سان
يا اوندهہ سان
پاڇي ۾
ڏار پوندا آهن

رات جو انڌڪار نہ ٿئي
انهيءَ لاءِ
ڏينهن جو ماڻهو
سرنگهون لڳائيندا آهن
مون بہ معنيٰ خيز
ارٿ سرشتي واري
سرنگ لڳائي آهي

هن شهر ۾ مان ڏاريو آهيان
پيا بہ ڏاريا آهن
زمين کان ڏاريا
پنهنجو پاڻ کان ڏاريا

هر هڪ کي ڊپ آهي
مون کي بہ ڊپ آهي
ارٿ پورڪ ارٿ سرشتو
جو سويل صبح
زمين دوز لڳايو هو
متان اُن سرنگهہ تي
ڪنهنجو پير نہ پئجي وڃي
۽ هڪ ئي ڏماڪي سان
ڪنهن جا سپنا
ڪنهن جي هستي
چور چور نہ ٿي پوي

پر اڄ مان
بي انتها مزوريءَ کان پوءِ
ٽڪجي پيو آهيان
مونکي ننڊ ٿي اچي

منهنجو ڳوٺ
منهنجي برعڪس جزن ۾
ولين ٽي چڪو آهي
منهنجي ڪٽ
مون سان ساڻ آهي
اڄ ڪٽ
ڪٽ ۾ ٽڪجي تڻجي
وسرام ٽي چاهي
پر اهو
ڪيئن ممڪن آهي
مان سمجهي سگهان ٽو
مان نہ ٽو چاهيان
منهنجي ڪٽ
ڪنهن بارود لڳل
منحوس راهہ تي
سمهي پوي
مان سمهي نٽو سگهان
ممبئي شهر ئي اهڙو آ
مان ڳوٺ مان نڪتو هوس
پر جنهن ۾ زمين تي پهتس
ممبئيءَ ئي پهتو هوس.

33

ڏرتي

ڏرتي
غرق ٿي وڃي ها
تہ اتهاس جو
حصو هجي ها
جيئن ائٽلانٽا
پنن جي چاتيءَ تي

اُن غرق ٿيل
ڏرتيءَ جو
ڪوئي ٻچو
هوندو ڪٿي باقي بچيل
اتهاس جا پنا
جنهن جي ڪلهن تي نچن ٿا

مارؤ جبل جا وارث
ڪجھ ڪجھ نظر اچن ٿا
سنڈوءَ جي ٿڙ جي اُپج
اڃا تہ چٽي صاف آ

اتهاس مري چڪو آ
اِهو ڪيئن قبولينڈس آءٌ
مان بي سمجھ جناور ئي سهين
ڊيڏُ تہ اڄ بہ اتي اُپري ٿو

نہ غرق ٿي آهي
نہ مان ئي
چندجي چيڙ ٿيو آهيان
ءِ ماروءَ جي وارثن کي
پڪ آهي
سياڻي وري اُپرندي اها زمين
منهنجي تہ سامهون آ
ساکيات آهي
سياڻي لاءِ چو ترسان مان
ککر ڪائي کڏ ڪانهي
جنهن ۾ ٽپي پيو آن آءٌ
هاڻ غرق ٿيندس
يا نئون سنئو
سياڻو ٻڌائيندو
تہ مون ڇا خريديو آ
عقيدو؟ .... يا .... اتهاس؟

34

مان ڏيئو ٻاريندس

مون جهاز تي پيتو هو
ڏاڏو پيتو هو
ان کان اڳ
مون گهر ۾ به پيتو هو
هاڻ جڏهن
پنهنجي پومي‌ءَ تي پهتس
تڏهن به پيتو
خوب پيتو
مون اياز کي ٻڌايو
ڪالهه اُتي
هُنن ڏياري ڪئي هئي
اڄ مان
هتي ڏياري ڪندس
مون کي ڏيئو ڏي
مان ڏيئو ٻاريندس
هتري‌ءَ تي
اَکو چاڙهي
سون چاندي کير چٽي
مان ڏياري ڪندس
مون کي ڪانا ڏي
مان ڪانا ٻاريندس
مون کي ڪانا ڏي

مان ڪانا ٻاريندس
ونش ونش کان
مون ڪانا ٻاريا آهن
منهنجو ايندڙ ونش بہ
ڪانا ٻاريندو
مونکي ڪانا ڏي
مان ڪانا ٻاريندس
ڪالھ اُتي
هنن ڏياري ڪئي هئي
اڄ مان
هتي ڏياري ڪندس

۽ هو
هڪ نئون وڃو
سلوار ۽ قميص جو
مون لاءِ ڇڏي ويو

مون اُن رات بہ
ڏيئو ڪونہ ٻاريو
اُن رات بہ پيتو
خوب پيتو
هاڻ بہ روز پيئان ٿو
خوب پيئان ٿو
ڪڏهن تہ
کيپ ٽٽندو منهنجو
۽ ڪڏهن تہ مان
ڏيئو ٻاريندس.

35

تنهنجو سڏ

”ائين تہ هر سڏ تي
مڱا متندا آهن
ڪي اڌورا تہ ڪي پورا
موٽڻ هڪ سمجهوتو آهي
جيئڻ جي لالسا لاءِ

تنهنجو سڏُ ٿيندو
ءِ مان موٽي ايندس
ڪجهہ تياڳي.... ڪجهہ پائڻ لاءِ
تو اهو ڪيئن سمجهيو؟

تنهنجي سڏ جي هجي
مان پڙهي سگهان ٿو
توکي بہ منهنجو موٽڻ
پڙهڻ گهرجي
اگر مان تنهنجي سڏ تي
موٽي اچان

مان موٽندس
ضرور موٽندس
جڏهن اُهو سڏ ٿيندو
جيڪو هِجي نہ ٿيو هُجي
مان پنهنجو موٽڻ بہ
بنا هِجي جي چاهيان ٿو

مان ڪونہ موٽندس
ڪونہ موٽندس
پر
مان هوندس .....
مان هوندس
آڪاس ۾ اَنادي آواز
آڪاس ۾ مان هوندس
اُهو سڏ ۾ مان هوندس
اُهو سڏ جو هِجي نہ ٽيندو
تون وجي ڪائي ڪُڪ ڳولھ
مون سان ملڻ لاءِ.

36

اُهوئي سڏ اُهوئي پڙاڏو

پت جي هن پر کان
ور ور اچي ٿو آواز
تون موتي اچ
موتي اچ
موتي اچ

اُهو ئي سڏ اُهو ئي پڙاڏو
سڏ ۾ پڙاڏي جي
وچ جي وڇوتي ــ شڪ
شڪ سان گڏ اچرج

سائيڪل کان پوءِ
هر ڊڪيل رفتار تي اچرج
اچرج سان گڏ شڪ
پوءِ ٻاڦ واري انجڻ هجي
يا بنا دونهي
لفظن جي رفتار
هر رفتار تي اچرج
هر دونهي ۾ شڪ

ماضي آهي مهابلي
نبل آهي حال

وري وري اچي ٿو
اُهو نياڳو سپنو
ـ هڪ نڌڻڪو ٻالڪ
ٻيئو آهي
پنهنجي گهر ٻاهران
گهر
جنهن جي ديوارن تي
صرف لٽڪيل آهن دروازا
۽ اندران اچن ٿا آواز
تون موٽي اچ
اندر اچ .....اندر اچ
اُهو ئي سڏ اُهو ئي پڙاڏو
سڏ ۽ پڙاڏو
وچ جي ويڇوٽي ـ ڏپ
ڏپ جو احساس
متان وري ائين نہ ٿئي
جو اونهاري ۾ سيءُ پوي
گرميءَ خاطر
ماڻهو ماڻهوءَ جو خون پيئي

اونهاري جو سيءُ
وڪوڙي ويو هو سرير ڪي
هنن مونکي
مردو سمجهيو
هڪ ڏي ـ فرجڊِ انسان
هڪ وستو
وستو پوڳڙ لاءِ

وستوءِ پوڳ جي
وچمر جا وچوتي
هڪ بي شڪل چڪتاڙ
نتيجو ڪجهه وناش
وناش پنيان ڪجهه نرماڙ
وستو هڪ وجود
پوڳ هڪ وناش
وناش هڪ تبديل
تبديل هڪ نئون جيون رس
جيون رس هڪ نرماڙ
وناش ءِ نرماڙ جي وچ جي وچوتي
اُهوئي سڏ اُهوئي اهوئي پڙاڏو
زمين ،،،، زمين.....زمين

37

هڪ ساڏوءَ جي ساڏپيلي کان واپسي

پوترتا تنهنجي آتما هئي
ءِ مان
هاڻ پوتر نہ رهيو آهيان

هاڻ جڏهن جڏهن
مان تو وٽ اچان ٿو
مونکي لڳي ٿو
مان پنهنجي ئي
مردهہ سريرہ ۾
پرويش ڪري رهيو آهيان

او سنڊو پتر ساڻ پيلا!
ياد ڪر
جڏهن مان تو وٽ هوس
مون چيو گلن کي
سپ تڙي پئو
ءِ سپ تڙي پيا هئا
بن بادلن آڪاش کي ڏسي
مون چيو هو مورن کي
نچو
مورن ناچ ڏيکاريو هو

اهڙي ڪوشش
مان هر دفعي ڪريان ٿو
جڏهن جڏهن
مان تو وٽ اچان ٿو
ءِ مان اسڪل ٿي موٽان ٿو
اِن احساس سان
ته هڪ مردو ٻئي مردي سان
ويچار ڪري موٽيو آهي.

تنقيدون ۽ رايا

آپياسي تقرير

نند جويريءَ جي

چوواڻي تي ڦٽندڙ

ٻہ واڻي جي وات

ـــ هرش واسواڻي

منهنجا مانوارا مترو،

ڪتاب جي مهورت جي، هيءَ جيڪا رسم آهي ان کي توهين ٻہ هڪ رسم ڀڳيو يا هڪ سنجوڳ يا هڪ اتفاق مڃيو. مان پنهنجي سؤڌ پنهنجي موجودگيءَ کي هتي هڪ نقاد جي طور قبوليان ٿو. نقاد هڪ هرو پرو هڪ معتبر شخص ئي آهي ، اهو ضروري ڪونهي. مغرب جا ڪيترا اديب نقادن کان ڪنارو ڪندا آهن. هڪ ته انهن کي پرجيوي (Parasite) ٻہ ڪري ڪوٺيو ويو آهي. سندس چوڻ آهي تهي نقادن کي شاعرن ۽ ليکڪن جو شڪرگذار هجڻ کپي، جي ڪيس پنهنجو رچنائون مهيا ڪري ٿا ڏين، جن تي هو پنهنجو پيٽ پاليٿو. ان حساب سان جيڪو ڪم مونکي آخر ڪرڻو آهي اُهو مان پهرين ڪري ٿو ونان. مان شڪر گذار آهيان ديپ شڪا پبليڪيشن جو خاص طور نند جويريءَ جو جنهن لکي هي پل پلجڻ لاءِ ڏنا آهن.

مولير جي ناٽڪ ۾ هڪ ڪردار اچيٿو جنهنکي عرصي کان پوءِ ڪوئي ٻڌائي ٿو تہ سڄي عمر هو نثر ئي ڳالهائيندو رهيو آهي. اهو ٻڌي هن کان چرڪ نڪري ٿو وڃي: ڇا ! سڄي عمر مان نثر ئي ڳالهايو آهي: اسين جيڪي ڳالهايون ٿا اهو نثر ئي آهي. چرڪڻ جي ضرورت تڏهن محسوس ٿئي ٿي جڏهن لڳي ٿو شايد اهڙو ڪجهہ رهجي ويو آهي جيڪو اسان نہ ڳالهائي سگهيا آهيون. صرف ان ڪري ڇاڪاڻ تہ نثر سپ ڪجهہ ڳالهائي ئي نہ سگهندو آهي. هيڏانهن نئين ڪويتا جي دؤر بعد شاعريءَ ۾ اسان وٽ اهڙا شاعر شوقيا شامل ٿي ويا آهن، اهي جيڪڏهن نہ چرکن تہ مان چوڻ چاهيندس تہ هو نثر ئي لکي رهيا آهن

شاعري ڪونہ ڪري رهيا آهن. خود شيخ اياز ڪي بہ مهاڳ ۾ هنن ڪويتائن کي ڪليءَ طرح سان شاعري چوندي هڪ ٽي آهي. دراصل نثر ۾ نظم ۾ فرق ڪرڻ جو آخرين ماپو مشڪل آهي شايد ان ڪري.

لفظ Poetry جنهن گريڪ ڏاتوءَ مان اُسريو آهي اُن جو مطلب آهي That Which makes you up جيڪو توهان کي مٿي ٿو کڻي ان زمين کان جنهن تي توهين بينا آهيو. ان زمين کان الڳ اهو توهان کي سچاين جي هڪ اهڙي ليول تي پهچائي ٿو جنهنجو اوهين تصور نہ ڪري سگهو تہ اُهو نظم آهي. شعر آهي. اِن کي سجاڻڻ کا ڏکي ڳالهہ نہ هئڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ ان جي سجاڻپ ان جي پراسيس يا ان جي رچنا پرڪريا ۾ لڪل هوندي آهي. ساڳيو سوال هڪ دفعي آمريڪا جي هڪ نامياري شاعر کان کان پڇيو ويو تہ اڇڪالهہ نثر ۽ شاعريءَ ۾ ڪو فرق ٿي ڪونہ ٿو نظر اچي. ان جي فرق کي ڪيئن سجاڻجي ؟ چيائين ڪو وڏو مسئلو ڪونهي. دراصل there are some prose habits and some poetry habits. اسين پنهنجن انهن عادتن کان آجا ٿي نہ ٿي سگهيا آهيون. تڪليف اتان ٿي ٿي پيدا ٿئي. ورنہ جماليتي طور پنهي کي الڳ ڪرڻ مشڪل نہ آهي، ڇا ڪاڻ تہ پنهي جي رچنا پرڪريا الڳ آهي ، هڪ ٻئي کان مختلف هئڻ جي حد تائين.

هاڻ مون پڙهن ڪتاب تي نظر ثاني ڪندي ساڳي طرز اپنائڻ چاهي آهي. رچنا کي ڪولڻ چاهيو اٿم جيئن ٻڌائي سگهان تہ شاعري، شاعري ڪيئن آهي، ماهريت جي دعويٰ کان سواءِ Post Modren Theory ۾ رواهڪ ويچار Desconstruction (Cocept) جو پڙ ذڪر ڪندس. What Writer Constructs Cirtic should Deconstruct. علاوه شئلي وگيان ۽ Structuralism جا ڪي نوان ماپا بہ اسان جي سامهون آيا آهن. وري چوان تہ ماهريت جي ڪنهن بہ دعويٰ کان سواءِ ڪتاب نسبت منهنجي ويچارن پنيان رليل مليل تئرات رهيا آهن. اهڙو ئي هڪ ردعمل آهي جيڪو مان توهان جي اڳيان رکي رهيو آهيان.

ڪنهن بہ شعر کي ڏسڻ لاءِ ٽلهي ليکي جو هڪ ٽڪنڍو نهي ايندو آهي. ان ۾ ٽي چيزون هونديون آهن. هڪ آهي شعر جو Psyche جنهن کي اسين سنڌيءَ ۾ چت چونداسين. ٻي شعر جي جماليت ۽ ٽيون Age (عمر) يا زمان. ڇاڪاڻ تہ هر شاعري بنيادي طرح زمان سان ڳنڍيل (Time Related) هوندي آهي. جيستائين اِها ائين ڪانهي تہ ان ۾ لا انتها (Time less) هئڻ جو ٻج ڳولهڻو پوندو آهي.

اسين نند جويريءَ جي جي چت ۽ جماليت جي باري ۾ ڳالهائي سگهون ٿا. پر جي اول ان ۾ زمان کي ڳولهجي تہ لڳندو تہ زمان جا جيڪي مختلف روپ يا جيئن ان جو وجود آهي اهو نند جي شاعريءَ ۾ پڙاڏي جي روپ ۾ آهي يا تہ آهي ئي ڪونہ ، يعني غير حاضر آهي. اسان جي چوطرف جيڪا زندگي آهي، ان جو پيچيده ستاءُ آهي، سياسي، سماجڪ، مالي مسئلا آهن، سازشون ۽ ڪشيدگيون آهن. انجو ڪو سڏو حوالو هن ڪتاب ۾ ڪونهي، ائين مٿاچري تي ڏسڻ سان لڳي تہ ڪويتائون پنهنجي وقت سان جڙيل نہ آهن. پر

وقت يا انجي اثرن مان اُپرندڙ ڪي احساس ڪيئن باريڪ يا Dilute ٿي شاعر جي روح يا چت سان جڙي ويا آهن، اهو اسان کي چيد ۾ نظر ايندو.

ڪتاب کي پڙهي ويڙ بعد مون انکي پنهنجي سهوليت لاءِ بن حصن ۾ ورهايو آهي، احساس جو مناظر (Landscape of Feeling) فڪر جو مناظر (Landscape of Idias) هڪ وڏو اتفاق اهو آهي، اهي ٻئي حصا هڪ ٻئي جي برعڪس آهن. فڪر جي مناظر ۾ جتي جتي ناڪامياب ويو آهي، احساس جي مناظر ۾ اوترو ئي ڪامياب ويو آهي. هن جون اوڻايون فڪر واري حصي ۾ آهن جن ۾ مون "مان" کان وڌي "اوندهه" تائين واريون ڪويتائون رکيون آهن. "اوندهه" کان وڌي "سڏ پراڏو" تائين ٻئي حصي ۾ آهن. جيتوڻيڪ سطحي طور ساڌيلي واري ڪويتا احساس واري خاني ۾ اچڻ ڪپي. پر جيئن ڪويتا ٻيڻي آهي تيئن انجو شمار به فڪرمند ڪويتا ۾ ڪرڻ ڪپي. ڇاڪاڻ ته انجو مقصد به خيال تي چوٽ ڪرڻ آهي. فرق هيءُ آهي جيڪي احساس واريون ڪويتائون آهن جيئن شڪارپور، جُتي وغيره اُنهن ۾ سندس شخصي انيوتي انجي اظهاري ۾ اُن جي صداقت (Authenticity) کي ڪنهن به ثبوت جي ضرورت نه آهي. انيوتيءَ جي شدت ايتري صاف، شفاف آهي جو ان کي محسوس ڪرڻ ۾ ڪنهن مشڪل جي گنجائش ئي ڪانهي. جيڪڏهن ڪوئي ائين چوي ته هيءَ ڪويتا ڪويءَ جي ياد ـ وطن (Nostalgia) مان پيدا ٿي آهي ته مان انڪار ڪندس. هيءَ ڪويتا سمرتيءَ جي ڪويتا آهي ئي ڪانه. هيءَ ڪويتا ڇا آهي انجو خلاصو اڳتي ڪندس. گهٽ گهٽ اها سمرتيءَ جي ڪويتا ڪانهي. ڪويتا ۾ شخص پنهنجن جڙن کي ڳولهي نٿو. هو پنهنجن جڙن سان پابند آهي پر جڙ ـ هيڻتا (Rootlessness) جيڪا تواريخي پراسيس آهي انجي تشخيص ٿو ڪري پر اُها ايتري سهڻي، ايتري موضو نموني جذبي سان اُڀجي آئي آهي جو لڳي ٿو گويا اهو سندس ڪو شخصي ـ درد هجي. ٻئي طرف فڪر واريون ڪيتائون اهڙو اعتقاد پيدا نه ٿيون ڪن.

اول ته ڪي اهڙا سوال آهن جن جا ڪي آخري جواب آهن ئي ڪونه، شاعر انهن تي شاعري ڪرڻ چاهي آهي. ويچار جي شاعري ممڪن آهي. شعر ڪوبه ويچار ڏيڻ لاءِ آزاد آهي. پر اُن ويچار لاءِ وشواس پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ پاوَ ياترا ضروري آهي. ويچار جذباتي سچائيءَ مان ئي پختگي حاصل ڪندو آهي. نند جي ڪويتائن ۾ انهيءَ سچائيءَ جي ڪوٽ آهي. مثلن مجموعي جي ڪن ڪويتائن مان "مان" ۽ "نج" ئي وٺو. هاڻ جيڪڏهن ڪوئي چوي ته ته مان پهرين نج هوس هاڻ نج نه آهيان انجو جواب لامحدود آهي. گوتم ٻڌ لامحدود جوابن کان هميشه پاڻ کي پري رکيو ۽ صرف محدودگين مان پيدا ٿيندڙ سوالن جي مقابل ٿيڻ پسند ڪيو.نند جويريءَ بدقسمتن پاڻ کي لامحدود جوابن ۾ اُلجهايو آهي ۽ ان مان کي تضاد پيدا ٿي ويا آهن ۽ کي منطقي چڪون به. چڪون انکري ٿيون آهن جو نند شبد طرف لاپرواهي ڏيکاري آهي. ڪويتا ۾ شبد جي وڏي اهميت آهي. مونکي آڊين (Auden) جي ياد ٿي اچي. هو چوندو هو ته مون وٽ جيڪڏهن ڪوئي اچي ائين چوي ته منهنجي شاعريءَ ۾ هيءُ زبردست خيال آهي يا مون وٽ هيءَ هڪ

گهري تخيل آهي تہ مان ان تي ڪپ ڏيان ڪونہ ڏينندس چاڪاڻ تہ شاعريءَ ۾ ڪا چيز ننڍي يا وڏي ڪونہ ٿيندي آهي. دراصل مان اهو ڏسڻ چاهيندس تہ هن ڪنهن شبد جو پيڇو ڪيئن ڪيو آهي، اهو ڪويتا ۾ ڪا نئين ارٿ ــ وينجنا ڏئي ٿو يا نہ.

مثل نند هڪ لفظ ڪتب آندو آهي، پرشٹ يا Corrupt هاڻ مان پڇان ٿو تہ ان لفظ جو مطلب ڇا آهي. ڪويتا مان اها ڳالهہ اُپري ٿي تہ ڪي سماجڪ اثر آهن، ٻين جا اثر آهن جيڪي مونکي پرشٹ ٿا بڻائين. .I say no اهو ضروري ڪونهي. مهرباني ڪري اوهين سماج کي صرف ٻاهر نہ ڳولهيو. اڄ هر انسان جي زبان تي آهي: سماج سڙي چڪي آهي مان ڇا ڪريان. مان ٿو پڇان تہ اهو سماج آهي ڪٿي جيڪو سڙي چڪو آهي. جيڪڏهن هر ڪو انسان "مان" جي صورت ۾ ڪاٽو ٿو ڪري. اصل ۾ اسان جي اندر ۾ ئي انفرادي آتم ءِ سماجي آتم جا ٻہ سوروپ موجود آهن، جيڪي خود پڻ تشدد ۾ اڇن ٿا. هڪ سوسائٽي within (اندر) آهي هڪ سوسائٽي وداوٹ (کان سواءِ) آهي. اهو چوڻ ٻاهريان اثر ئي انسان کي پرشٹ ڪن ٿا کو مطلب ڪونہ ٿا ڇڏائين. ڪير ڪنهن کي پرشٹ نٿو ڪري؟ وري ڪويتا چويٽي تہ اهو قدامت جي ابتدائي ڪِنن کان پئي ٿيو آهي تہ ڳالهہ منطقي سطح کان مٿي ڪجي Metaphysical ليول تي پهچي ٿي. اها سڄي اوک ڏوک ڪنهن ٻہ جذباتي آنڌ ماندڻ کان خالي آهي. ان حالت ۾ ڪويتا تهائين نبل ٿي ٿي ويجي. نند جي ڪويتائن ۾ اها مخصوص ڪمزوري آهي.

هاڻ ان جي برعڪس شڪارپور ءِ ٻيون احساسن واريون ڪويتائون ڏسو. پاوَ جي ڪوملتا مٹان ڪٿي ٻہ لفظ پاري ڪونهي. هڪ پڙ لفظن جي مطابقت ڇڏي ڏجي، پوري ڪويتا ۾ ڪٿي ڪو وزندار لفظ ڪونهي. اهائي ٻولي آهي جيڪا احساس کي خود ئي ٻولي ٿي. ٻولي جنهن ۾ انسان فيل (Feel) ڪندو آهي. جڏهن ڪ فڪراتي ڪويتا ۾ تضادي لفظ آهن، تشنيهون آهن. شڪارپور واري ڪويتا۾ نند اُن۾ ديوي ءِ پدمٹي جهڙيون صفتون جوڙي ڪويتا کي ڪمزور بڻايو آهي. شڪارپور پدمٹيءَ کان ٻہ وڌيڪ آهي. هڪ پوري تهذيب جي اڳيان پدمٹي ڇا آهي؟ ثقافت جي مرتيو وڌيڪ دردناڪ Phenomenou آهي. تواريخ جي جهيٹن سوترن جي Conceteness کي پڪڙڻ سولو نہ آهي. ٻيءَ طرح ناٽڪ ۾ هڪ Inner Tension موجود هوندو آهي. جيسين تائين ناٽڪي Coflict ان ٽينشن جي نقطي تائين ڪونہ پهچندو آهي. ڊراما پنهنجو اثر ڇڏي ڪونہ سگهندو آهي. نند هن ڪويتا ۾ ٽينشن سرجيو آهي، ڪنفلڪٹ جي ذڪر کان سواءِ آهي. اهو نند جويري نہ آهي جيڪو شڪارپور ۾ پاڻ وڃائي رهيو آهي. اها نند جويريءَ جي Identity نہ آهي جيڪا ختم ٿي رهي آهي. شڪارپور پنهنجو پاڻ کوهي رهي آهي. شڪارپور جي Identity ختم ٿي رهي آهي. هاڻ شڪارپور جي علامت طور ونبو تہ وڌيون معنائون خود ظاهر ٿيٹ لڳنديون. تاريخ جا Challanges سامهون ايندا. اتهاس جي اڳيان سوالن جون نشانيون اُپرنديون. دور ويجهو تہ وادين جي سنڌو سنسڪرتي پنهنجي سود ڪيئن ڪاڇي رهي آهي ان جو چٹ ملندو. شڪارپور

پرتيڪ آهي. ان ۾ پدمٽيءَ کي آٽي جذباديت اوتڙ جي ضرورت نہ آهي. شايد Oversight آهي. مونکي خبر ناهي تہ ڪويتا کي ڪنهن خانہ بنديءَ ۾ رکڻ ضروري آهي يا نہ. اسان وٽ allegory هڪ نوع آهي. فارمل معنيٰ ۾ شڪارپور Allegory ڪانهي پر انجي پاوَ ــ ياترا جي پنيان جيڪا Impulse آهي اُها Allegorical Impulse آهي. ڪويتا بہ درجن تي گڏ ٿي هلي. انجو هر بند هڪ بي معنيٰ کي سمائي ٿو هلي، علامتي معنيٰ کي ان حساب سان هيءَ ڪويتا ماڊرن Allegory جو تجربو آهي.

هتي اياز صاحب جي مهاڳ کي نظر انداز ڪرڻ مشڪل آهي. اياز جتي نند کي هو بهو ڪوٽ ڪيو آهي اتي هن سان منهنجي اسهمت ٽيڙ جو ڪو سبب ڪونهي. جتي هن نند کي ڇڏي ٻين جي باري ۾ ڳالهايو آهي اُتي اسهمت ٽيڙ جي مونکي ڪا گنجائش نظر نٿي اچي. پر نند نسبت هن جو ڪجهہ چيو آهي ان جي بہ نقطن کي وٺي مونکي سخت اعتراض آهي. هڪ تہ هن شڪارپور جي ڪويتا جي جيڪا مشابهت Surreallstic Paiting سان ڪئي آهي سا غلط آهي. جيئن Surrealist شاعر Tzara چيو آهي هو تہ Surrealism جو مطلب آهي اوهانکي جيڪو سڏو صحيح ضمير پريو ٿو لڳي اهو Nonsensible آهي. توهانکي هر چيز کي اُلٽو يعني Upside down ڪرڻو آهي . هر صورت حال پيانڪ آهي ۽ ضمير تہ وڌ ۾ وڌ. شڪارپور سان اها ڳالهہ لاڳو ڪرڻ مشڪل آهي. ان ڪويتا ۾ جذباتي پريشانيءَ باوجود ذهن ۽ ضمير جا سوال اُٿاريا آهن. Surrealism جي صحيح معنيٰ جي بجاءِ ڪويتا ۾ ڪن شبد چترن جي ڪولاز کي ڏسي اياز ڪويتا کي Surrealist قرارِيو آهي. اياز جو چوڻ آهي تہ نند جي ڪويتا ۾ سنڌيت جي ڀرپور ڪمٽمينٽ آهي . ٺيڪ آهي. پر سندس اهو چوڻ تہ "انهيءَ ڪمٽمينٽ کان سواءِ سنڌي ادب هوا ۾ انهيءَ غباري وانگر آهي جنهن کي ڪوئي طرف نہ هجي ۽ جو ادب انت ۾ ڦاٽي پوندو ۽ هوا سان هوا ٿي ويندو." وڏي اختلاف جو مستحق آهي.مان ان سان بلڪل اسهمت آهيان. ڪمٽمينٽ کيڏي بہ وڏي چيز هجي ڪويتا جو انت نہ آهي. ان جو مطلب تہ اهو ٿيندو تہ سنڌيت جو ڪويتائون ئي ڪويتائون آهن ٻيون نہ. اُلٽو سنڌي ڪويتا اهڙي ڪنهن بہ ڪمٽمينٽ کي جيترو پار ڪندي اوترو وڌيڪ ڪويتا ٿيندي ويندي. ائين تہ شاهہ صاحب سنڌيت طرف ڪمٽيڊ ڪونہ هو. شاهہ جي سنڌيت طرف ڪا ڪمٽمينٽ ڪانہ هئي.هو سنڌيت ۾ زندهہ هو. ان ڪري سنڌيت جو سرجن ڪري سگهيو هو نہ ڪِ ڪنهن ڪٽمينٽ سبب.

ڪمٽمينٽ ڪنهن حد کان پوءِ هڪ نقلي چيز بڻجي ويندي ٿي وڃي. انڪري انجي ڪويتا بہ اوتري ئي نقلي بڻجي ويندي. وري سنڌيت کي ايڏو وڏو ماڻ بڻائي ڇڏجي جو باقي ڪويتا هوا ۾ اڏامندڙ غبارو ٿي وڃي ! مبالغي جو مبالغو آهي. شاعري تہ اننت چيز آهي، اوترو ئي اننت جيترو آڪاش. جيئن آڪاش کي جهلي نہ ٿو سگهجي، اُنکي ڪن ٽنين تي بهاري نٿو سگهجي، تيئن ڪويتا کي ڪن ٽنين تي اڏي نہ ٿو سگهجي. شڪارپور ۽ ٻيون ڪويتائون ڪيتريون بہ سنيون ڪويتائون هجن اُهي سنڌيت جي

ڪري عظيم آهن، چوڻ هڪ قسم فريب آهي. شاعر جڏهن پنهنجي ڪمٽمينٽ کي Transcend ڪندو انکان ٻاهر ويندو تڏهن ئي پنهنجي اندر جي نين سمتن کي حاصل ڪري سگهندو. "چؤواٽي تي" جي احساس ۾ فڪر جي ڪويتائن ۾ ٻه اهوئي فرق آهي. شڪارپور هڪ طرف ڏانهن وڌندڙ ڪويتا هوندي ٻه Multi_dimensional ڪويتا آهي جڏهن ٻيون ڪويتائون ان جي اُبتڙ وڏن ويچارن واريون ڪويتائون هوندي ٻه Uni_dimensional آهن. چاڪاڻ ته اهي ارٿ کان ٻاهر کو ارٿ نٿيون ڏين. ويچارن (۾ احساسن واريون ڪويتائون) جيئن شڪارپور کنهن ارٿ جي اندر قيد کانه ٿي رهي. اها ڳالهه "جتي" ڪويتا لاءِ ٻه چئي سگهجي ٿي.

هڪ ٻئي فرق تي ٻه توج ڏيئي سگهجي ٿي. پهريون ڪويتائون (فڪر واريون) ۾ هڪ قسم جي نفرت يا ضد يا گهٽ ۾ گهٽ جنگ جو ئيءَ جو هڪ موندِ آهي پر انجو کو سبب ڪونهي. شاعر جي جنگ جو ئي پنهنجن کن خيالي وشواسن کي وٺي آهي. پويون (احساسن وارين) ڪويتائن ۾ نفرت يا ضد ڪونهي پر Sense of betrayal وشواس گهات مان پيدا ٿيندڙ Anguish آهي ۾ اُها وڏيڪ اپيل ٿي ڪري. ويچار جي درجي تي ٻه محض بغاوت يا انحارفي جون ڳالهيون ائين ئي ڪونه اثردائڪ ٻڌجي ويندیون جيستائين پختي شعراٽي جامي ۾ ني آهن.ان مان هڪ تفاوت جڙي ٿو. پهريون ڪويتائون شخصي وشواس (Fath) جون ڪيتائون آهن، پويون ڪويتائون شاعر جي شخصي پوڳنا Suffering جون ڪويتائون آهن. وشواس کو ٻه آخري نٽو ٿي سگهي. پنهنجن ئي وشواسن جي ٻه جيڪڏهن کو غلامي ڪري ٿو ته هو پنهنجي ستنترتا وڃائي ٿو ويهي ۾ غلط راهه تي اچي ٿو وڃي.

ان ڪري ظاهرا طور پهرين ڪويتائن ۾ پنهنجي سيلف تي تلاشيندو نظر اچي ٿو پر ان سان حقيقي مقابلو پوين ڪويتائن ۾ ٿئي ٿو. سيلف پوين ڪويتائن ۾ آهي انجو صرف ذڪر پهرين ڪويتائن ۾ آهي.

اهڙي ئي ريت پهرين ڪويتائن ۾ چاڪاڻ ته اعتماد (Conviction) کان سواءِ آهي، ان ڪري ڪويتا مٽان ٻوجهه آهي. پويون ڪويتائون گيان جي بار کان آجيون آهن ته ٻه زبردست ٻوڏڪ سوال کڻي ٿيون اچن. Identity يا Roots جون ڳالهيون ڪري فڪر جي ڦيٽ ميڙي سگهجي ٿي. پر انيو يا پوڳنا جو فڪرهڪ ٻئي قسم جو سچ آهي جنهن لاءِ جيئن مان الڳ چئي چڪو آهيان ته ڪنهن ثبوت جي ضرورت نه ٿي رهي. پهرين ڪويتائن ۾ اهڙي ذڪريل سچ ٻڌڻ کان پوءِ ٻه من ۾ شنڪا رهجي ٿي وڃي ته انجي ائين هٽڻ جي کهڙي گارنٽي آهي. ڪويتائن ۾ ازخود هڪ سگهه هوندي آهي جيڪا اهڙين شنڪائن جو جواب هوندي آهي ۾ اهڙي سگهه پوين ڪويتائن ۾ آهي.

هڪ تفاوت اهو آهي ته نند پهرين ڪويتائن ۾ لفظن جي چوندِ ۾ اَساوڌان آهي. مثال هيءَ ست ونو. جڏهن نج کي رومال ۾ ويڙهي وڪيو آهي هاڻ "نج" ۾ "رومال" ! نج کي شايد ڪور جي ضرورت ٿئي پر ڇا

ان جو ڪور رومال ٽيڻ ڪپي؟ خريد ڪرڻ ۾ وڪڙڻ سندس پيارا لفظ آهن جن جو ور ور پئي استعمال ڪيو آهي. اهڙي هڪڙي هنڌ هو چوي ٿو "مون اعتقاد خريد ڪيو آهي يا اتهاس خريد ڪيو آهي" اعتراض اهو آهي تہ ڇا وشواس ۾ اتهاس وڪڙڻ ۾خريد ڪرڻ جو چيزون آهن؟ جيڪڏهن ان اظهار ۾ ڪا وينجنا آهي تہ ان خريد فروخت جي پنيان ڇڪايل قيمت جو هڳاءُ هڻڻ ڪپي. اهڙي لاپرواهيءَ جو هڪ ٻيو مثال ونو جتي هو چوي ٿو تہ نج اڇوت رهيو آهي. لاشڪ اتي اڇوت جي اُها معنيٰ نہ آهي جيڪا هندو سماج ۾ روا آهي It is not untouchable but untouched انسان جيئن آد کان سماجي پراڻي رهيو آهي انڪري Untouched self هڪ مٿ (Myth) آهي. اهڙي ڪنهن بہ چيز جي ڪلپنا ڪرڻ ممڪن نہ آهي جا اَڻ ڇهي رهي هجي. انساني حوالي ۾ Untouched ناممڪن آهي.

مسافر لاءِ بس هونءَ هڪ گهٽي سڏي ڪويتا آهي:

مان بس مان لهان ٿو
هر اسٽاپ تي چڙيل مان
هر اسٽاپ تي جڙيل مان
بس مان لهان ٿو هڪ ٻيو ئي مان
شروعاتي مان جو هڪ حصو
پنهنجي وات ونڻي
اڳتي وڌي ٿو پنهنجي ٻئنڪ ٻئلنس سان

اتي ٻئنڪ ٻئلنس سان ڪويتا ۾ هڪ وڏو جهوپو اچي وڃي ٿو. ڪٽي جڙيل مان ڪٽي ۾ ڪٽي چڙيل مان ۾ ڪٽي ٻئنڪ ٻئلنس! موزون ئي نٽو لڳي.

ٽيو ڇا آهي جوتہ جو نئين ڪويتا جي فئشن سان اسان وٽ ڪي لفظ ٽريڊي (Tradey) ٽي ويا آهن، انهن کان نہ بچي سگهڻ بہ هڪ ڪمزوري آهي. ڏماڪائي لفظن جو استعمال بہ ساڳي ئي نند جي ڪمزوري آهي. "مان" سري واري هڪ ننڍي ڪويتا ۾ لاجواب تخيل آهي. اتي "مان" کي جانور چوڻ سان انجي پاڪيزگيءَ کي زخم رسي ٿو. توهين ڪجهہ بہ سوچيو جانور لفظ مان Sublime معنيٰ ڇڏائڻ مشڪل آهي. پل جانور سان اسين نفرت نہ بہ ڪريون. شبد جون اهڙيو لاپرواهيون شعر کي هڪ Thinking snobbery جي ويجهو ٽيون آڻين.

خوش قسمتن احساسن وارين ڪويتائن ۾ نند اهڙين ڪمزورين کان مڪت آهي. انهن ڪويتائن ۾ شخصي انيوتي ،درد ۾ وشواس جو ذڪر آهي. پر اتي سندس فرد ۾ سندس سماجي سيلف بہ باريڪيءَ سان سمويل آهي، اها ڳالهہ خاص ڌيان تي ڇڪائي. انکي سمجهڻ ضروري آهي. شڪارپور واري ڪويتا مثال

ڪري ونو. ڇا جي ويدنا آهي؟ تاريخ جي، ثقافت جي، بحران جي، جيڪي اجتماعي مثال آهن، گڏيل سرمايو آهي، باوجود هڪ فرد جو درد سچو آهي!

هڪ ٻئي طرف بہ منهنجو ڏيان ڇڪيو آهي. جيتوڻڪ اهو خود ۾ ڪنهن قسم جو ڪو قسم جو سقم ڪونهي. هڪ صفت آهي جنهن کي اڻ ڏٺو نٿو ڪري سگهجي. سندس سڀ ڪويتائون ڪنهن نہ ڪنهن کي مخاطف ٿيل آهن. يا وري انهن جو فاعل "مان" ئي آهي. اهو ڏسي ٿورو اڳرج ٿو ٿئي تہ شاعر هڪ بہ ڪويتا تون ۽ مان جو ضمير ڪتب آڻڻ کان سواءِ ڇو ڪونہ ٿو لکي سگهي. دنيا جون بيشمار حقيقيتون آهن پر انهن سيني جي وچ۾ شاعر هڪ بہ مڪمل خارجي نوع واري ڪويتا نہ لکي تہ ڇا انکي شاعر جي چت (Psyche) سان جوڙي سندس من پوميءَ جي ڪنهن نفيس پيچري ڏانهن وڃڻ کپي. هو آخر پاڻ کان ٻاهر ڇونہ ٿو اچي؟

اهڙي ريت هڪ ڳالهہ مون اها بہ مارڪ ڪئي آهي تہ نند لفظن جي Conotation ۽ Denotation جي فرق ڏانهن سچيت ناهي. جيئن:

تون منهنجا پير پڙهين

۽ انهن جو ترجمو

لفظن ۾ ڪرين

اِهو ڪيترو ممڪن آهي؟

اسين سڀ ڄاڻون ٿا تہ ترجمو پوءِ جو ڪرتب آهي. پهرين آهي اظهار جو ٻوليءَ ۾ آڪار ونڻ. نند جو اصل مطلب بہ اهو آهي تہ ڪنهن جا پير پڙهي انجي تاثر کي آڪار نٿو ڏيئي سگهجي. انجي سڃاڻپ يا Identication نٿي ٿي سگهي. پر ان قسم جي آڪار جو وجود ترجمي جي اول شرط آهي. اتي ترجمي کي ان ارٿ ۾ بہ سويڪار ڪجي ها بشرطيڪ نند جون هي ستون ان بعد نہ اچن هان:

شبدن سان

منهنجو ترجمو ممڪن نہ آهي

شبدن سان

تون صرف

منهنجو سرجڻ ڪري سگهين ٿو.

جنهنجو ترجمو ممڪن نہ آهي انجو سرجڻ ڪيئن ممڪن آهي؟ اوليت ڇا جي هئڻ کپي؟ يا تہ وري سرجن غير موزون آهي. اها ساڳي تڪليف ڪويتا ۾ پرمپرا لفظ کي ونڊي درپيش آهي. "چؤواتي تي گهر" جو آخري ستون Thought faliacy جهڙو اثر ڇڏين ٿيون. ائين وڏن موضوعن تي لکيل ڪويتائون پر ـ پڪ نہ بڌجي سگهيون آهن.

انجي مختلف احساس وارين ڪويتائن جا سادا يا سڏا سنواتا اظهار پڻ زبردست اثر ڇڏين ٿا. مثال اسين ان طبقي جي سرمور ڪويتا شڪارپور کٽنداسين. ان ۾ هڪ هنڌ چوي ٿو:

پر ڇا
ائين ممڪن آهي
تہ تون ۽ مان مري وڃون
بنا ڄاڻ جي
.....

اهائي سنڌي ثقافت جي ٽريجيڊي آهي. هڪ عام سنڌي انسان ۽ انجي ڪلچر جي وچ۾ موت پسار ڪري رهيو آهي. رفتہ رفتہ ذرو ذرو ٿي موت پنهنجي ڪرت ۾ رڌل آهي. پر ان جو ڪو نوٽيس ڪونہ ٿو وٺي. ڪير ڪنهن سان گڏ مري رهيو آهي. انجي ڪنهن کي لکہ نہ ٿي پوي. اها ڳالهہ سنڌ سان بہ لاڳو آهي. ڇاڪاڻ تہ شڪارپور پنهنجي سڄي اُٽت ۾ هڪ متحرڪ سمبالزم سمائي ٿي هلي. اها لاشڪ هڪ عظيم ڪويتا آهي. It is fine allegory of a different kind اها شخصي سچاڻپ (انفرادي مجموعي) ۽ سنسڪرتيءَ (پوئن ۾ ڳٽيل بنياد سميت) جي ٽڪندي کي گهڻين سيمتن تي ڇهي ٿي. ڪويتا جي ڊڪشن (Diction) پنهنجي سموريت ۾ Pictorial Diction آهي اهڙي کا ڳالهہ ڪانهي جا ڪويتا ۾ بنا ڪنهن تصوير جي ايندي هجي پوءِ پل اها آوازي تصوير هجي. شايد ڪويتا جو اهو نوع ئي ايازڪي غلط راهہ ڏانهن ڏوري ويو آهي جو هن ان جي مشابهت Surrealist Painting سان ڪئي آهي. ان ڪويتا جو هڪ سبل نقطو اهو موڙ آهي جو ڪنهن بہ شاعر جو هڪ معيار ٿي سگهي ٿو. اهو آهي خيال ۽ تصور جو پاڻ ۾ جذب ٿي وڃڻ. ڪويتا پڙهندي علم ئي نہ ٿو رهي تہ ويچار جي پنڪ تي ڪلپنا بيني آهي يا ڪلپنا جي پنڪ تي ويچار. ڪويتا تصورن جو هڪ اهڙو Mosic آهي جنهن ۾ ڪي نايابتشبيهون آهن. انهن مان ڪي مون گهرائيءَ سان ماڻيون آهن ۽ انهن کي جيڪڏهن وسيع حوالن ۾ ڪڍجي تہ فلاسفي چائنٹ جي نزديڪ اچي ٿو وڃجي. هڪ هنڌ هو چوي ٿو:

اهو ائين آهي جيئن
پاڻي پاڻيءَ ٻڏي
پاڻي پاڻيءَ ۾ تري

اها ست شاهہ جي شعر جي ڪنهن ست جهڙي آهي.

تصور ڪريو:

پاڻر اچي ٿو پاڻيءَ ۾ ٻڏي ٿو
پاڻي اچي ٿو پاڻيءَ مٽان تري ٿو.

پاٽي پاٽي ئي آهي فرق ڇا جو آهي؟ ٻڏڻ جو ترڻ جو؟ ڇا ۾؟ اهو ڇا آهي، هڪ وهم يا وحدت يا ٻئي؟ اهڙيون خوبصورت تشبيهون ٻيون به آهن ، انهيءَ سلسلي ۾

هن دفعي

شڪارپور جي شهر ۾

ڏڪ بازار ۾ ٻوڏ هئي

ءِ ماڻهو

پاڻيءَ ۾

پاڻيءَ مان

پنڌ ٽي ويا.

ماڻهو پنڌ تي آهن يعني جفاڪشي ڪري رهيا آهن حفاضت لاءِ. پي پنهنجي وناش ۾ ئي ڪين حفاضت نظر اچي رهي آهي. هو ڪجهه به ڪن آخرات ۾ سپ ڪجهه ٻڏي رهيو آهي. نظر ڪجهه اچي رهيو آهي، ٽي ڪجهه رهيو آهي. آپاس ۾ حقيقت جو فرق هڪ نشتر جيان ذهن کي چيري ٿو. اهڙي ريت منجهند جو ٻي بجي لکيدر جو ٽاور پنج ٽڪاوَ چونه ٿو هڻي؟

اها ڪهڙي ماجرا آهي. گهڙيال هلي ٿو انجو ثبوت اهو آهي ته اهو ٽڪاءُ هڻيٿو. پر ٻي بجي پنج ٽڪاوَ ان حقيقت ڏانهن اشارو آهي ته ڪنهن وقت شڪارپور ۾ بي بجي مجهند جو به شام جي پنجين بجي واري فضا هوندي هئي يا چهر بهر جو هڳاءُ هوندو هو اڳ.

شڪارپور ۾

گهر کان ٻاهر ڏسڻ لاءِ

دري کولڻ جي ضرورت ڪونه هوندي هئي

دريءَ جي تاڪ جي وچ۾

چير هوندا هئا

ماڻهو ننڊ ۾ به

گهٽيءَ ۾ ايندڙ ويندڙ

جي سوچ کي سوچي سگهندو هو

ءِ هاڻ

شڪارپور ۾ شڪارپوري

هاڻ به سوچيندو آهي

دريءَ جي تاڪ جي وچ۾

چير ڪي
هميشھ هميشھ لاءِ
بند ڪرڻ لاءِ

انساني ياونا جو مڪت ونھوار سنسڪرتيءَ جو بنيادي شرط آھي. اُھا اڳ ھئي. زندگيءَ جي ونڊ ورھاست ان حد تائين ھئي تہ ماڻھو نندِ ۾ بہ ھڪ ٻئي جي سوچ ۾ شريڪ ٿيندا ھئا. اڄ اتي ڌنل انسان رھجي ويو آھي. جيڪو ٻئي جي چرپر کان بہ ڪنبي ٿو. ھو خوف ذدھہ انسان آھي. جو تاڪ جي چير کي بہ بند ڪرڻ ٿو چاھي. انساني من جي Freeplay جو رڪجي وڃڻ ئي حقيقي دشا ھيڻتا آھي ۽ اھا شڪاپور سنڌ ۽ سنڌين کي آزادي جي نالي نصيب ٿي آھي!

اتي شعرجي اندر ھڪ مفڪر وينو آھي، جيڪو شاعر مڻان حاوي نہ آھي. اھو ئي ھن جو بلند مقام آھي.

آخر ۾ مان پنھنجي پسنديءَ جي ھڪ ڪويتا اوھان اڳيان رکندس. ايازڪان معافي ونڊ جي ضرورت ٿي ٿئي. جنھن ڇيو تہ سنڌيت طرف ڪمٽمينٽ کان سواءِ اعليٰ ڪويتا ممڪن نہ آھي. جا ڪويتا پيش ٿو ڪريان مون من اعليٰ ڪويتا جو ئي مثال آھي.

جھوڻي ۽
نندِ جي وڇڙ
جا سجاڳي آھي
اھا بہ ھڪ وڇوڻي آھي
اُن وڇوڻيءَ کي
ماڻڻ جو درد
مونکي رکي وينو آھي سجاڳ.

۽ مونکي پنھنجي تقرير جي آخرات ھيئن ڪرڻي آھي:

توھانجي جھوڻن
۽ منھنجي سجاڳيءَ جي وڇڙ بہ
ھڪ وڇوڻي آھي

توھين ماڻيو يا نہ ماڻيو پر پنھنجي وڇوڻيءَ کي ماڻڻ جو درد ڀھاري ٻينو آھي مونکي سجاڳ مھرباني.!

نند جويريءَ جي

چوواٽي تي

مهورتي تقرير

ـــ گنو سمتاٽي

دوستو، مان سچ پچ تہ منجهيل آهيان. جيڪو ڪتاب اسانجي سامهون آهي، اُن تي اڳُ مقرر ڪيل ويچار ڌارا (Pre_Conceived Notions) مان تحت ڳالهائڻ مشڪل آهي. ان ڪري مان منجهيل آهيان، ڪتان، ڪيئن شروع ڪيان. جنهن رات مون ڪتاب پڙهيو، جنهن رات مون ڪتاب پڙهي پورو ڪيو اُن وقت رات جا ساڍا ٻارهان يا هڪ ٽيو هوندو، اُن مهل منهنجي من ۾ خيال آيو نند کي ٽيلفون ڪريان پر پاڻکي روڪي ويس. ٻئي ڏينهن صبح جو فون ڪئي مانس. اٺ ڪن ٽيا هوندا، نند گهر مان نڪري چڪو هو. مونکي سچ تہ اها ٻہ ڄاڻ نہ هئي تہ نند کي ٽيليفون تي چا چوندس. فون تي نياپو ڇڏڻ سبب نند جڏهن پاڻ مونکي فون ڪئي مان صرف ايترو ئي چئي سگهيس "نند، ٽئنڪ يؤ ويريمچ .That is all "

مان ڪرتڪ تہ نہ آهيان. پر هرش واسواڻي جو سلسلو وٽي ڪجهہ چوڻ چاهيندس. هرش ڪرتڪ جي باري ۾ چيو تہ هو پرجيوَ (Parasites) آهن تہ هو ليکڪن جي رچنائن سبب زندهہ آهن. پر مان چوڻ چاهيان ٿو تہ ادب ۽ تنقيد ٻنهي جي جيڪا Terminology آهي ، ٻنهي جا جيڪي Perceptions آهن اهي بلڪل الڳ الڳ آهن. مونکي ياد آهي ـــ توهان ٻہ پڙهيو هوندو ـ تہ فلابر جي ناول "مدام بووري" جي باري ۾ ڪنهن ڪرتڪ لکيو هو تہ ان جهڙو Realistic ناول اَڄ تائين فرانس ۾ لکيو نہ ويو آهي. فلابر جواب ڏنو : مان ۽ ? Realism ..... Realism is vulgarity.

ٻيو مثال آهي: ٽي. ايس. اِليٽ "West Land" چيڇڻ بعد ايزرا پائونڈ ۽ ٻين ڪرتڪس اليٽ کي هڪ زبردست Modrenist شاعر ڪري ظاهر ڪيو. پر سيني کي ڄاڻ آهي تہ اليٽ، Catholic Royalist ۽ Conservative, Traditionist هو. اليٽ ماڊرنسٽ نہ هو.

اهي ڪرتڪ ئي آهن جيڪي ليکڪن جي رچنائن کي Brand ٽا ڪن، انهن تي Lablels ٽا لڳائين. اها هڪ ڪلاسيڪي حقيقت آهي تہ "Creation becomesmore powerful than the creator" اها حقيقت نقادن سان ٻہ لاڳو آهي. اهي Parasites جيڪي ليکڪن سبب پيدا ٽيا آهن. ليکڪن کان وڌيڪ طاقتور ئي رهيا آهن. انهن نقادن جا Lablels پڙهندڙ لاءِ هڪڙي حد ـ بندي مقرر

ڪري ٿا ڇڏين. پڙهندڙ کي Conditioned (حدبند) ڪر ي ٿا ڇڏين. پانڪن جا Reflections ۽ Responses انهن حد بندين اندر يا ان جي آس پاس ئي ٽپين ٿا. توهان کي اگر ڪوئي نقاد ٻڌائي ته فلاڻي ڪويتا، جديد ڪويتا آهي، مونکي پڪ آهي توهين ان ڪويتا کي پڙهندي، ان تي سوچيندي، ان نقاد جي مقرر ڪيل حد بند ٽي ويندا.

ان هوندي به ڪڏهن ڪنهن وقت بعد، ڪوئي اهڙو ڪتاب اسان جي سامهون اچي ٿو جيڪو اسان کي ڪجهه ٻئي نموني سوچڻ لاءِ ڪجهه ٻئي نموني Response ڪرڻ لاءِ مجبور ٿو ڪري، ڪجهه ٻين ماپن ماڻڻ جي تقاضا ٿو ڪري.

مون جڏهن هن کي "ٽئنڪ يؤ" چيو، تڏهن انهن ڳالهين جو ذڪر ڪونه ڪيومانس. پر مون محسوس ڪيو هو، هن ڪتاب مونکي سوچ جي حد ـ بندين مان آزاد ڪيو هو. منهنجا Reflections and Responses مڪت ۽ خود مختيار هئا. I am now free man. ان ڪري نند کي گهٽ ۾ گهٽ "ٽئنڪ يؤ" ته چوان.

نقادن بنسبت مونکي خوشي آهي ته هرش واسواڻي جيڪو سنڌي نئين ڪويتا جو باني لاکيو ويندو آهي ـ ۽ آهي به ـــ تنهن جهوني ۽ نئين جي مقرر ٿي ويل سنڌن کي ته ڏنو، جديد ادب جا جيڪا طئ ٿيل ماپا ۽ ماڻ آهن انهن سان هن نند جي ڪتاب کي نه پرکيو. هرش Structuralism جي بنياد تي ـ پر ڪنهن حد تائين، پوري طرح نه ـ ڪتاب کي پرکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پر هرش کي مان With humality هڪ ڳالهه ٻڌائي ڇڏيان ته Stractural Criticism جي Aplication جي سپ کان وڌيڪ بنيادي ضرورت Cultural Anthropology آهي، جنهن جو باني Levi Strauss آهي. ٻوليءَ جو De_ construction ۽ Construction جنهن جو ذڪر هرش ڪيو اهو Cultural Anthropolgy جي مد نظر ئي ممڪن آهي. انهن بنيادن کي نظر انداز ڪرڻ سان Stractural Criticism جي پرک پوري طرح ٿي نه سگهندي. مثلن : هريش ٻن لفظن " ترجمو " ۽ " سرجن " جي ڳالهه ڪندي چيو " سرجڻ " "ترجمي" کان وڌيڪ اهم آهي. ما مڃا نٿو ٻوليءَ ۾ جيئن اهي لفظ آهن، هريش صحي آهي. پر ڪڏهن ڪڏهن ـــ ڪڏهن ڇا، هميشه ائين ٿيندو آهي ـ ٿيڻ کپي ته Poet لفظن کي پنهنجون معنائون بخشيندو آهي جيڪي شبد ـ ڪوش جي معنائن کان وڌيڪ Creative هونديون آهن.

نند "ترجمو" لفظ جنهن حوالي ۾ ڪم ڪتب آندو آهي ان جي معنيٰ جيئن مان سمجهان ٿو Translate نه آهي، پر "سمجهڻ" آهي. ۽ مان سمجهان ٿو ڪنهن کي سيڃاڻڻ ڪنهن خبر کي سمجهڻ Creation کان وڌيڪ اهم آهي. اسين پيدا (Creat) ٿيا آهيون پر ان Creation کي سمجهڻ وڌيڪ اهم آهي.اسانجي ڏرم ۽ اسان جي ڪلچر اسان کي هميشه آگاهه ڪيو آهي. "پاڻ سيڃاڻڻ" (Know Thyself). ان حوالي ۾ نند جنهن ارٿ سان "ترجمو" لفظ ڪم آندو آهي، ان ۾ مونکي غلطي نظر نٿي اچي.

نند جي ڪتاب تي ڳالهائڻ ۾ هڪ مشڪلات اها آهي جو اسان اهو ڪتاب پڙهيو آهي. ۽ توهان ڪونہ پڙهيو آهي. انڪر ڳالهائيندڙن (جن ڪتاب پڙهيو آهي) ۽ ٻڌندڙن (جن ڪتاب ڪون پڙهيو آهي) جي وچ ۾ پورو Communication شايد ٿي نہ سگهي. توهين سوچيندا هوندا اسين آخر ڳالهائي چا يا چا ٿي رهيا آهيون. ڪويتائن جا حوالا بہ توهان لاءِ سمجهڻ ممڪن نہ آهي انڪري مان سمجهان نہ ٿو اها ڳالهہ ٿوري غلط ٿي ويئي آهي. ڪتاب شايع ٿيڻ بعد هيءَ ميٽنگ رکي وجي ها تہ توهان ۽ اسانجي وچ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪنهن ٻئي نموني ٿئي ها، شايد بهتر ٿي سگهي ها. خير!

نند جون "مان" ڪويتائون Thought Level تي آهن، Feeling انهن ۾ گهٽ آهي. پر انهن ۾ Anguish ڪونهي Personally experienced anguish ڪونهي، مان اها ڳالهہ نٿو مڃان. توهين اُهي ڪويتائون پڙهي ڏسو. توهانکي لڳندو تہ اُهي هستيواد جي ان هڪ aspect تي اتري ٿيون اچن جنهن کي سارتر چيو آهي : Hell is others توهين منهنجي آزادي، منهنجي سوچ، منهنجي ڪرم جي، منهنجي پيار جي آزادي ــ پيار ۾ منهنجي محبوبا منهنجي آزادي، منهنجي ستنترتا کسي ٿي وڃي يا مان هنجي، ان ڪري پيار ممڪن نہ آهي ــ منهنجي Pure freedom ڦُري ٿا وڃو ان ڪري You are hell for me يا Hell is others.

"مان" ڪويتائن ۾ "نج" ڪويتا پڙهندي مونکي هڪ چرچو سجهي آيو. مونکي لڳو نند جويريءَ جي نالي جو Short form "نون" ۽ "جيم" نج ٻڌجي آيو آهي. پر چرچي کي الڳ رکي توهان "نج" ڪويتا ۾ Existential auguish کي محسوس ڪندا. جان پال سارتر Existence precedes essens ۽ نہ ڪِ Essenses precedes Existance زندگيءَ جا essenses تہ سچ ڳالهايو. وڏن جو ادب ڪيو. ڳچوان جي پوجا ڪريو وغيرہ اسانجي جمڻ سان کان اڳہ ئي اسانجي لاءِ رکيا ويا آهي. پر هستيود اُن کي reverse ٿو ڪري Existence precedes essens چو تہ We are codemned to born free. نند جي "مان" جو "نج" پرشٽ ٿي ٿو وڃي چو تہ "شروعات ۾ ..... مان نج هوس ..... هن پنهنجي ڏسٽيءَ سان...مون کي پنهنجي سوچ ڏيکاري.... ۽ پوءِ ..... اُن نج کي پرشٽ ڪري ڇڏيو. (نج ــ 1)

هريش واسواڻيءَ رومال جي ڳالهہ ڪندي چيو. رومال هڪ چيپ (Cheap) چيز آهي. تنهنجي وجود، تنهنجي "نج" جي حساب سان رومال برابر هڪ سستي چيز آهي. پر هريش رومال کي صرف رومال ڪر ڪيئن سمجهو سو ما نٿو ڄاڻان. نند رومال کي چمري تي چاڙهيل نقاب جي Symbol ڪر پيش ڪيو آهي. توهين اگر مونکي اجازت ڏيو تہ ان ڪويتا (نج 4) جو آخرين ستون پڙهان :

" شايد هر نج کي
يا پرشٽ نج کي
ٻاهريون ويس ٿو گهرجي

ائين ئي
تون ۽ مان سمجهون ٿا."

رومال ٻاهريون ويس آهي، نقاب آهي، اهو جيڪو اسين پاڻ آهيون رومال لفظ ..... شايد بهتر لفظ ڪم آڻي سگهي ها. انهن نندين نندين ٻالهين هوندي به "مان" ڪويتائون يا ٻئي ڪويتائون .... شڪارپور کي چڏي ـــــ جنهن سطح تي هلن ٿيون تہ سان نقاب پائي جيئون ٿا تہ اسان جو نج پرشٹ ٿي ويو آهي، تہ اسان جو Existential angyish آهي، وغيرہ، اِهي سڀ ٻالهيون هاڻي ڪافي Common ٿي ويون آهن. اهي ٻالهيون اسين گهڻيئي دفعا ٻڌي چڪا آهيون، پڙهي چڪا آهيون ۽ انهن جو اثر جيڪو نئين ڪويتا ڪافي شدت سان اسان تي ڪيو هو، هاڻي گهٽجڻ لڳو آهي، گهٽجي ويو آهي. انهن ٻالهين طرف اسانجي Sensitivity جهڪي ٽيڙ لڳي آهي، اهي هاڻ گهٽ ڇهن ٿيون.

ڪن ڪويتائن ۾ نند Conclusive ٿو ٽئي جنهن سبب ڪويتا جي پڇاڙي ڪافي گهر گهلي ٿي لڳي. مان گهڻا مثال نہ ڏيندس. هڪڙو مثال ڪافي ٿيندو. ان ڪويتا جو جيڪا هريش واسواڻيءَ کي سيني ڪويتائن وڌيڪ وٽي. ڪويتا ڪافي سني آهي، ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي. ڪويتا جو عنوان آهي "وچوتي" :

جهوتي ۽
نند جي وچ ۾
جا سجاڳي آهي
اها بي هڪ وچوتي آهي
ان وچوتيءَ کي
ماڻڻ جو درد
مون کي رکي وينو آهي
سجاڳ"

Beautiful, I agree پر ان جي پڇاري ڏسو:

"ڇا
اها توکي
خبر آهي."

مون کي خبر نٿي پوي هي پويون ستون جوڙڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. سني ڪويتا کي ان پڇاڙيءَ واريون ستن گهر گهلو بڻائي چڏيو آهي. "ان وچوتي کي ماڻڻ جو درد مونکي رکي وينو آهي سجاڳ" ڪويتا اتي ختم ٽيڙ کپندي هئي. " ڇا اها توکي خبر آهي" .It is a loose end اهڙيو فالتون ستون يا

Conclusions ڪن ڪويتائن ۾ ڪن نتيجن تي پهچڻ لاءِ Deductive نموني جوڙڻ ڪنهن به سڃاڻ شاعر لاءِ ڪمزوري آهي. نند کي ان کان بچڻ گهرجي.

مان "شڪارپور" تي ضرور ڳالهائيندس. ڪتاب کوليندي پهرين پهرين اربڻ ۔ پتر "هر ان شخص کي جنهن جي اکين ۾ سنڌ جي نقشي لاءِ آدر آهي" ان بعد شيخ ايياز جو مهاڳ ڏسندي مونکي هڪ ڊپ وڻي ويو Oh not again. اهائي سنڌ جي ڳالهه ٻڌائيندو. اها ئي Nostalgia هوندي. اهو ئي رودن هوندو: هاءِ اسان مري وياسين. ڏرتيءَ بنا جيئرا ڪيئن رهنداسين. وغيره.

مان وڌيڪ پڙهڻ لاءِ تيار نه هوس. ان ڪري "شڪارپور" مون پچاڙيءَ جو پڙهي. مونکي خوشي آهي. منهنجو ڊپ غلط هو. "شڪارپور" هڪ اهڙي ڪويتا آهي جيڪا Epic Dimensions ۾ آهي. مان ڄاڻا ٿو Epic جو هڪ خاص مفهوم آهي. ان حوالي ۾ ڪويتا کي نه پرکي به مان چوان ٿو "شڪارپور" Epic Dimension رکي ٿي.

هڪ يگ جو بدلجڻ. هڪ يگ جو ناس ٿيڻ. هڪ پوري ڪلچر جو نابود ٿيڻ ان سڃاڻپ کي سويڪار ڪرڻ. اهو به جذباتي بڻجڻ بنا. آسان ڳالهه نه آهي. اسان جا ڪيترا ادبي دوست ۽ اڳوان ان سچائيءَ کي accept ڪري نه سگهيا آهن. اسين زندهه رهنداسين زندهه آهيون. اسان وٽ شاهه آهي. اسين سنڌو سڀيتا جا وارث آهيون. انهن Illusions کي مڃي هلڻ سولي ڳالهه آهي. پر پنهنجي پوري ڪلچر. پوري وجود. ٻولي ۽ اتهاس جي Fall and decay جي سچائيءَ کي قبول ڪرڻ آسان نه آهي. ان قبوليت پنيان درد آهي. پيڙا آهي ۽ مان سمجهان نٿو. اهائي هن ڪويتا کي Epic Dimensios بخشي ٿي. توهان Gibbon جو Rise and Fall of Roman Empire پڙهيو هوندو. مونکي شڪاپور پڙهندي ان ڪتاب جي ياد آئي هئي. "شڪارپور" ۾ سمايل پرسنل درد ايترو ته وشو ــ وياپي بڻجي ٿو وڃي جو شڪارپور هڪ Symbol بڻجي ٿو پوي. ڪنهن لاءِ به جنمن جو ڪلچر يا زمين. ملڪ يا تهذيب ناس ٿي ويا هجن. ان لاءِ هيءَ ڪويتا پنهنجي ڪويتا بڻجي ويندي.صرف شڪارپور جو لفظ ڪڍي ڇڏيو. هن جي پنهنجي شهر ، پنهنجي ڳوٺ جو نالو وجهو ڪويتا Universal بڻجي ويندي.

ڪويتا ۾ Metaphores, Symbols, Imaginations هڪدم نوان. هڪدم اٽچتا آهن.ايترا نوان جو توهين چرڪ پرينداِ. ۽ مزو ۽ عجب اهو آهي. جيئن هريش واسواڻي چيو آهي ڪٿي به ڪو ڳوڙو لفظ ڪونهي. سڌي سئين چيز. سادي ٻوليءَ ۾ سياوڪ نموني هلندي ٿي رهي. ڏارا ڪٿي روڪجي نٿي. ڪٿي ڪوئي جهوپو نه ٿو اچي. اها ٻوليءَ جي حاصلات آهي. اظهار جي حاصلات آهي. مونکي ائين لڳو It just happens. اسان کي هريش ڪويتا جا به وياکيا ٻڌايا. هڪ چيو Defination جيڪو مونکي وٽندو آهي سو آهي Poetry is that which just happens جنهن ۾ ڪو effort نه لڳي. جيئن Spontaneous چيز هجي. جنهن ۾ ائين نه لڳي ته ان پنيان ڪائي محنت ڪئي ويئي آهي. جيئن

توهانجي من تائين سڌي پهچي ويجي. It just happens حوالا مان نہ ڏيندس، ان لاءِ وقت لڳي ويندو. ان ڪري مان صرف هڪ ٻالهہ چئي پنهنجي تقرير پوري ڪندس.

"شڪارپور" ۾ ڪلپنا (Imagination) ، ياڻ ـ احساس (Feelings) ۽ ويچار (Thought) ايترو تہ هڪ ٻئي ملي جهلي ويا آهن، سمائجي ويا آهن جو اهو معلوم نٿو ٿئي، محسوس نٿو ٿئي تہ آخر ويچار، ياڻ ـ احساس مان نڪتو آهي يا ياڻ ـ احساس، ويچار مان ڦٽو آهي. ۽ مان سمجهان ٿو جنهن بہ تمام سٺي ۽ سٺي ڪويتا اهو هڪ گڻ آهي، خصوصيت آهي، حاصلات آهي. ـــــ ٿئنڪ يؤ.

نند جويريءَ جي

چو واٽي تي

سرسري نظر ـــــ اوڪ ڏڪ

ـــــ ايم ـــ ڪمل

نند جويريءَ جو هيءُ ڪتاب "شعري مجمعو" ڇاڙايو ويو آهي Poems by Nand Javeri. صفت "نئين" کان آجو. چندن، ردیفن ۽ ڪافين جي پيڙا کان مڪت. ڪو وقت هو اهڙين رچنائن کي "ڪويتا" چوڻ لاءِ همٿ سارڻي پوندي هئي ۽ ڊپ کان اَهڙين رچنائن کي "نئين" صفت منهن آڏو رکڻ جي ضرورت پڻ محسوس ڪئي ويندي هئي. مگر هاڻي اِها "نئين" صفت پراڻي ٿي چڪي آهي ۽ غير ضروري پيي. اَڄ پڙهندڙ ڪويتا ۾ محض "ڪويتا" جا عناصر ڳولهي ٿو. شعري تسڪين حاصل ڪرڻ لاءِ. اسان جي هڪ عالم هڪ ٻي ڳالهه پيي همٿ ساري ڪئي آهي نئين ڪويتا جي سلسلي ۾ ـــ چي "نئين ڪويتا جي اُٽت سان فلاڻي ڪويءَ جي رچنا پيش ٿي آهي." هيءَ نئين ڪويتا جي اُٽت ڇا آهي ؟ اِن جا ڪهڙا ڏس پار آهن، ڪهڙيون نشانيون آهن، جن سان يڪدم اها فتويٰ ڏجي، اعلان ڪجي ته هيءَ "ڪويتا" نئين آهي. اِهو ته منجهيل سُٽَ ۾ هڪ ٻي تند اُلجهائڻ ٿي ..... نوائڻ جو عبارت سان واسطو ناهي .....هرو پِروِائين نه آهي، پر پوءِ پيي هيءَ نئين ڪويتا جي مڪمل پچاڻ ڏيڻ کان ناقص آهي. شعر ۾ خيال پان سان گڏ اِظهار لاءِ انداز ـــ بيان پيي ڪٽي ايندو آهي، ته Form پيي ڪٽي ايندو آهي. تجربي جو بنياد نئين هوشمنديءَ، نئين شعور تي، نئين احساس تي آهي ته زبان جي گهڙت، نيون ترڪيبون، نيون تشبهون ۽ استعارا پيي اُن سا گڏ اُپرندا آهن ..... سڄي رچنا کي اُن حوالي ۾ پرکڻ سان ئي ..... ڪا راءِ جوڙي سگهجي ٿي، جو مرڪزي نقطي يا تخليق جي پئدا ڪيل فضا مجموعي اثر مان محسوس ٿئي ٿي، رچنا جي ڪنهن هڪ بن جملن ۾ آيل انوکي جوڙجڪ يا هڪ بن حسين رنگين لفظن مان نه ـــ اُن کان اڳ ته نند جي رچنائن ۾ چا آهي،مان اِهو پڌائڻ چاهيندس ته سندس رچنائن ۾ چا نه آهي. ليڪڪ زبان جي آرائش نه ڪئي آهي، نه لفظن جي ڪلابازيءَ جا ڪرتب ڏيکاريا آهن ۽ نه اُلجهاوَ جي جار پکيڙي آهي ـ يعنيٰ پنهنجي دانشوريءَ جي ڏيکاوَ سان اڻ سڌو پنهنجي علميت جو پڙهندڙ تي رعب جمائڻ جو جتن نه ڪيو آهي. سادي سؤليءَ سنڌي زبان ۾ هر تصور کي شعري اُهاڻ سان پنهنجي داخلي ڪيفيت کي روشن ڪندو اڳيان وڌي ٿو ـ اهو تڏهن ممڪن ٿي سگهندو آهي جڏهين شعري، تجربي ۽ اظهار جي سچائيءَ ۾ هم آغوش هوندي آهي، جڏهين احساس ۾ شدت هوندي آهي. احساس جي شدت جر تپت کان وانجهيل رچناڪار پنهنجي خيال، فڪر ۽ سوچ جي

اِظهار کي ذهني داوَن پيچن سان منطقي حساب سان وکون کٹائيندي، رچنا کي گهيلندو آهي. اهڙين رچنائن ۾ ذهن ممڪن آهي، ڪجهہ جنبش پائي، شعر جي هنرمنديءَ ۾ جاڻ ڪص سارهائجي، پر شعري تسڪين، جزباتي سڪون، اُنهن مان حاصل هرگز ڪين ٿئي ٿو.

مونکي هن مجموعي مان شعري تسڪين پڙ پئي آهي. ذهني چاهي جذباتي طرح، اِهو ڪيئن؟ ان سوال جي اُتر ۾ مان ٿوڪي ۾ پنهنجي اِن راءِ کي رسڻ جو بيان پيش ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو. ڪتاب جي سلسلي ۾ آيل ڪويتائن تي روشني وجهڻ جو جتن ڪريان ٿو.

"چؤواتي تي" پهرين "مان" سان ملاقات ٿئي ٿي. هر حساس گرم ذهن، باشعور ۽ سجاڳ ليکڪ، ڪنهن نہ ڪنهن طرح پنهنجي "مان" طرف سان غور فرمان ضرور ٿيو آهي. ڪن ليکڪن "مان" کي صرف خارجيت جي حوالي ۾ پيش ڪيو آهي جيئن مان هڪ مشين جو پرزو ــ ما هڪ اجنبي، اِهو تہ هڪ وقت فئشن هو وغيره وغيره . ڪن پاڻ کان ٻاهر نڪري پنهنجي ٻئي کي آرسي ڪري عڪس باز ٿيا آهن. ڪن پاڻ کي سماجي، قوم، اتهاس، وقت ۽ حالتن جي حوالي ۾ خود کي تمام رشتن ناتن ۽ مجموعي تهذيبي فڪر تي ويچار ڪري، خود کي ڪٽي ٻهاري، ڪن سان گڏ پاڻکي شماري،پنهنجي ڪٹ ڪئي آهي. پنهنجي حاصلات، ڪاميابي، ناڪاميابي اڳيان پويان چوپڙا کولي حساب ڪتاب ڪيو آهي، ۽ ڪي بس پنهنجي اندر جي اوندهين ۾ ٽپي پيا آهن ۽ پوءِ ويا آهن ملاقاتي ٿيندا ڪنهن نہ ڪنهن فڪر يا سوچ سان. اِنهيءَ پرڪريا ۾ ، انهيءَ پراسيس ۾ سندن Subconscious ڪارفرما آهي جنهن کان هو خود ئي بي خبر آهن. پنهنجي مان تي فڪر آمدا ٿيڻ جا ڪارڻ الڳ الڳ آهن، ان ڪري اُنهن جا دڳ بہ جدا جدا. نند پوئين طرح مان آهي، يعني هو اندر ۾ ٽپي پيو آهي. من جي ڪاهيءَ ۾ سندس پهرين ملاقات پنهنجي نالي سان ٿي ٿئي. نانءُ سندس نانءُ آهي، اُتي هو نہ بينو آهي پر پنهنجي نجپڻي جي فڪر سان اڳيان وڌيو آهي. اَڄ جو انسان نجپڻي تي سوچي اِهو بزاتي خود سوچڻ جو نقطو آهي. جڏهين " اوٺان اوٺان" کان ونڊي "را رام سنگہ" تائين اِنسان نجپڻي کان جدا رهيو آهي، وچڙجي ويو آهي، وچوريو ويو آهي. نند پنهنجي "نج" کي، چڏائجي وڃڻ واري حالتن، پنهنجن خيالن ۽ لفظن تي غوڙ ڪندي ڪي گمان، ۽ يقين جون ڪي جاچنائون ڏنيون آهن. ۽ هو وڃي ٿو پنهنجي ڪاهيءَ ۾ لهندو ۽ پنهجي نسبت ۾ سوچيندو. بي انت آڪاش هيٺ، چوڪٹ ٿيڻ، باهہ هيٺ پنهنجن ساسن کي ڇهڻ جهڙو آڪار سمجهڻ ڪجهہ وڃائڻ پائڻ ... وغيره. هن "مان" جي پاڳي ۾ "مسافر لاءِ بس" مونکي نهايت اعليٰ رچنا محسوس ٿي، هيءَ رچنا سيني حواسن کي چورڻ جو ست ــ سگهہ رکي ٿي. فڪر جو ڦهلاءُ گيرائي ئي نہ پر گهرائي ۾ي محسوس ٿئي ٿي ۽ آخرين جملو " بس جو ڪارڻ ..... مسافر ..... مسافر لاءِ بس" هيءَ منطقي فتويٰ سهج سياڻ سان اچي ٿي.مونکي ائين نہ لڳو تہ شعر اول اِهو نقطو طئہ ڪيو آهي ۽ پوءِ اُن تي پنهنجي رچنا جي عمارت کڑي ڪئي آهي. مونکي راهيءَ جو مشهور نظم "سنڌي آيا سنڌ ڏسڻ" هن رچنا جي برعڪس لڳندو آهي يعني اول اُهو نقطو سوچي پوءِ اُن تي منطقي سِرَن

سان آڏاوت ڪئي ويئي آهي. اِن سلسلي ۾ مان اڳتي هلي ان نقطي کي وڌيڪ واضع ڪندس ڪنهن ٻئي شاعر جي حوالي ۾.

ٻئي پاڳي "چؤواڻي تي " ۾ پيش ڪيل ڪي ڪويتائون "مان" جي پاڳي ۾ جڳهه ولارڻ جي يوگيه آهن. "ماڻهو بهانا ٻڌائيندا آهن" "پالیل نانگ" "مان ڪوئي پي ٽي سگهان ٿو" ۽ ڪي ننڍڙيون ڪويتائون ڊائريءَ جي ورق جيان جيئن "ويچوڻي" "اِنتظار" جي فڪر سان ٽمٽار آهن. "من جي سنسان گهٽيءَ ۾" رچنا مونکي سطحي جذبي ۽ شدت کان عاري ۽ گهٽي حد تائين فئشن زده لڳي. اُنهيءَ جي اُبتڙ ڪويتا "ڪچو" نہ صرف موضوع جي خيال کان نواڻ واري آهي، پر سندس ڦهلاءُ، تمثيلي، علامتي۽ معنيٰ خيز ۽ جاڳنائن سان ڀرپور آهي.

ڪتاب جي نهايت ئي چوريندڙ تخليق، جنهن کي احساس جي مڪمل سپردگي ٽيل آهي، اُها آهي "او شڪارپور". شڪاپور شاعر جي معشوقا جي صورت اختيار ڪئي آهي جا ويڙجي ويئي آهي، پر اَڄ جڏهن ميل ٽيو آهي تہ سندس اڳيون زيب ۽ صورت حال جي زبون حالت ڏسي جو درد جاڳيو آهي، سو جدائيءَ جو درد کان گهڻو ٿو لڳي، گهڻو محسوس ٿو ٿئي. هر، وطن کان ويڙيل سنڌيءَ کي، جو سنڌ ۾ جائو ۽ نپنيو آهي، هڪ معشوقا آهي، پنهنجي هڪ شڪارپور آهي؛ هيءَ شڪاپور سڄي سنڌ جي علامت بڻجي پئي آهي. هيءَ تخليق شاعرانا قوت، اعليٰ سنجيدگي ۽ احساس ۽ اظهار جي سچائيءَجو زوردار ثبوت آهي. رچنا ۾ "او شڪاپور" جو دهراءُ هر پيري وره جي مئٽ کي وڃي ٿو ويکرو ۽ اونهون ڪندو. اسانجي ساهت ۾ وطن جي وڇوڙي جي درد جو ڪي جهلڪون شروعاتي دؤر ۾ اسانکي ملن ٿيون جيئن فانيءَ جو جواب، شيخ اياز هڪ ڪويتا ڏيهي پرڏيهي ٽيا، يا سڳن جو شعر غلاميءَ جي سکن تي سوچڻو پيو آهي، يا هڪ ٻيو شعر "هاءِ اسانجي آزادي سنڌور مليو ۽ سينڌ ويئي." هن موضون تي گهڻيون رچنائون لکيون ويون آهن. هڪ وڏي ڪويتا الائي ڪهڙن ماپن تي اُتاري منجهس ڪنڌ ڪويتا جا عنصر ٻڌايا ويا آهن، اُن جو رچاءُ هن ڪويتا جي برعڪس آهي يعني اُتي شاعر پنهنجو مقصد طئ ڪيو آهي، پوءِ اُن جون ڪنڌون پاسا جاچيا آهن ۽ پوءِ اُنهن جي اظهار لئ حسين ترڪيبون ، تشبيهون گڏ ڪيون آهن، ۽ چيدا سهڻا لفظ انتخاب ڪيا آهن يعني هن شاعري ڪئي آهي ۽ " او شڪارپور " ۾ ڪئي نہ ويئي آهي، مگر شعري ٽي ويئي آهي. اِهو ئي ڪارڻ آهيجو منجهس شاعراڻو اظهار پوري شباب سان جرڪي ۽ مهڪي پيو آهي.

چند مثال: (1) هوا اکيون ٻوٽي .... لنگهي چڪي .... تنهنجي قبر تان .... اتهاس بہ لنگهي ويو .... بنا سجدي (2) آسمان ۾ سج ڏٺم هڪ ليڪيل ليڪ وانگر ..... جيئن هڪ ٻاراڻي مورت ۾ ..... (3) ٻپهريءَ جي ٻوساٽ ۾ ..... خاموشي نچي رهي هئي ..... ٽانڊن تي ڏڪ بازار ۾ ..... ۽ گهٽجي رهيو هو منهنجو گلو ..... (4) شهر جي ضمير سان گڏ ..... ٽيشن جو نالو پي .... بدلڻ کپندو هو ..... شهر جي ضمير جو اِشارو

سياسي بدل فضا ڏانهن آهي، جنڪي مڪان نہ آهي، پر انهن جو در درين جو شيشم ڪاٺ ڪپندو هو اُن جو سنگمرمر ڪپندو هو ڪين درخت جي ڇانؤ نہ اُ جو ڪاٺ گهربو هو.

شاعر جي ٻي خوبي اها آهي تہ شاعر هن ويجوڙي جي درد جي اظهار ۾ Sentimentalism جو شڪار نہ ٿيو آهي نہ تہ هي درد، رودن ۽ پٽڪو وڏن سڏڪن جا ڳوڙها ڳارڻ يا پار ڪڍي روئڻ جي سرحد تي وڃي ساه پٽي ها. شاعريءَ ۾ رنج و غم جو اظهار هڪ نزاڪت ۽ نفاست جي هنرمنديءَ وانگر آهي. درد جيسين رچناڪار ۾ ڪڙهي ڪاڙهي، ٿري ۽ آنرجي نہ ٻيٿو آهي تيسين شاعري ڪيس لبن تي نہ آٽيندي. جيڪي مير تقي مير ۽ فانيءَ جي اُردو شاعريءَ ڪان واقف هوندا سي ان فرق کي بخوبيءَ محسوس ڪري سگهندا. درد جڏهن سهپ ڪان ٻاهر ٿي ويندو آهي تہ اُن جو اظهار غصي يا طنز جو سهارو وٺندو آهي. سُر سامونڊيءَ ۾ جڏهن نائڪا جو غم برداشت ڪرڻ ڪان ٻاهر ٿو ٿئي تہ سنديس پهريون سر وارو ٻول چال بدلجي ٿو وڃي يعني پهرين چوي ٿي:

آيَلِ! ڳريان ڪِيئن؟ منهنجو نِينهُن اَپليو نہ رهي.
ويو وَٽِجارو اوهِري، مونکي چاڙهي چِيئَن؛
سامُونڊين جي سَڳُ کي، رُئان راتو ڏِينهن؛

۽ غصي ۾ ٿي اڃي چوي ٿي:

وَٽجاري جِي ماءِ، وَٽجارو نہ پَلِئين؟
آيو ٻارهين ماهِ، پڻ ٿو سَفَرِ سَنبهَي!

اڇو تہ شڪارپور جي رچنا ڪي اِن حوالي ۾ ڏسون.

هڪ هندڪ شاعر چوي ٿو:

اَڄ اگر
مان
توکي ٻڌايان
سامي ڪي ساڻيو
نہ ويو هو
پر
دفنايو ويو هو
۽ هن جي قبر تي
اَڄ بہ هرروز گل ٽڙندو آهي
تہ ڇا تون

هن جي قبر تي
سجدو ڪرڻ
ويندين ؟
يا
توکي آهو ٻڌايان
تہ
تنهنجي بابي جي بابي جي
۾ بابي جي بابي
۾ انهيءَ جي بابي جي بابي کي
دفنايو نہ ويو هو
پر ساڙيو ويو هو

هيءُ اظهار تڏهن ٿو اچي جڏهن درد پنهنجي حد پار ڪري چڪو آهي، تڏهن غصي جي روپ ۾ اسان جي اڳيان اچي ٿو. درد جو انداز بدلجي ٿو وڃي. هن وستار سان منهنجو مطلب شعر جي احساس ۾ اظهار جي سچائيءَ کي واظع ڪرڻو هو. شڪارپور جي تباهيءَ جي انتها اُن حد تي رسيل آهي جو نند کي شڪ آهي تہ خود خدا پي شايد ڪيس سنواري نہ سگهي. ڪويتائن جي بلندي فڪر ۾ ذهني ولوڙ جي گج جيان ٿي ويندين آهن، جو ڪارڻ اِهو آهي تہ ڪي پي فلسفاڻا نقطا شاعرجي ذاتي تجربي ، روز مره جي زندگيءَ جي پوڳڻا يا ماڻڻ جي احساس مان اُپجندا آهن، مگر شعر اُنهن کي محض پنهنجي پسنديءَ يا پنهنجي ڄاڻ جتائڻ لاءِ شاعري ڪرڻ جو سانگ رچيندو آهي. اُها اؤر ڳالهہ آهي اگر سندس خاص تجربي ۾ فڪرسان ڪا جاچنا، ڪو فڪر، خيال، ڪنهن فلسوفيءَ سان هم، رڪاب ٿي وڃي ٿو تہ اهڙي رچنا دل و دماغ تي پاري رکائپ جي احساس اُپارڻ بدران راحت آفزا ۾ سڪون بخش ٿي پوي ٿي. نند جون تمام رچنائون اِن عيب کان آجيون آهن. پر هڪ رچنا "اُهو ئي سڏ اُهو ئي پراڏو" ۾ هو ان موهہ جار کي ٽوڙي نہ سگهيو آهي ۾ ڪويتا جون آخرين ستون وناش .... پوڳ .... تبديل جا پاري فقرا ويو آهي اُجلائيندو. ۾ فشن زده فڪر کي فٽ ڪوندو ويو آهي. جتي سندس رچنائون "ڪٽ" يا "جتي" تمام علامتن پنيان ڇڏيل پلن ... اتهاس .... تدبيل ... گذشتہ عمر جون پر فڪر ۾ درد مند تصويرن سان پيش ٿيون آهن، اُتي هيءَ رچنا ڦڪي پئجي ويئي آهي. اُن رچنا جيان جنهن جنهن جو ذڪر مون اڳ ڪيو آهي يعني "من جي سنسان گهٽيءَ ۾" واري تحرير . هرهڪ رچنا تي وچور سان خيال آرائي ڪرڻ منهنجو هتي مقصد نہ آهي. مان صرف اُن جي ڇڏيل اثر، دل و دماغ تي ڇڏيل عڪس، جي هن مجموعي کي پڙهڻ کانپوءِ ڇڏيا آهن، تن کي چند لفظن ۾

هينئن بيان ڪندس: ”هن مجموعي مونکي پنهنجي شڪارپور ياد ڏياري، ماضيءَ جي ڪيترن ڪنڊن ۾ اندرين احساسن کي روشني بخشي، هڪ آرام بخش درد عطا ڪيو آهي.“

پريم هري سنڌي نمستي،

ڪونج پهتم، مهرباني. ”او شڪارپور !“ ۾ دفعا پڙهيم. جلاوطن، جڏهين وطن ورن ٿا، هڪ سيلاني طرح، تہ ڪهرا سندن دل تي وڍ وهن ٿا، گهاو پون ٿا ــ اُن جو شعري رد عمل، جنهنجو سچائي ۽ صداق جذبي سان، بنا صفتن، تشبيهن، لفظ بازي، ۾ حسين حيفن جي گوهر فشاني کانسواءِ ــ نند جويريءَ ڪيو آهي، سو هڪ مثال آهي اُنهن شاعرن دوستن لاءَ جي شاعريءَ ۾ هيئت ذهني اُلجهاءُ ۾ جملن جي ڪلا بازيءَ جو ڪرشمو ڪرڻ جا شائق آهن؛ در حقيقت، ڪوبہ شعر، ڪنهن پڻ تخليق ۾ جيسين منجهس جذبي جي صداقت ناهي، ۾ رچناڪار ممڪن طرح پاڻ کي (ذهني ۾ جذباتي طرح) خود کي اُن جي سپرد نہ ڪيو آهي، تيسين سندس رچنا پنهنجو تاثر نہ ڇڏيندي. اهو ئي ڪارڻ آهي ۾ اها ئي حالت آهي، جڏهن رچنا، بنا لفظي ناه نوه، جملن جي توڙ ڦوڙ ۾ اُلٽ پلٽ ڪان آزاد ٿي، پڙهندڙ کي اها درد جي لوءَ ۽ چوٽ جي چپيٽ ۾ آڻيو ڇڏي، سچ تہ مون کي اُميد ڪانہ هئي نند جويري اهڙي تخليق ڪري سگهندو. مون کي خوشي ٿي آهي خود کي غلط ثابت ٿيندو ڏسي. ــــ *ايم ڪمل*

چوواڻي تي بينل هڪ نينگر

ـــ هري موتواڻي

ڏهن ورهين جو هڪ حساس نينگر هڪ چؤواڻي تي بينو آهي. هو ان چؤواڻي جي جنهن طرف بہ وک کڻي ٿو. ان طرف شڪارپور آهي. هو گهمي ڦري وري ساڳي چؤواڻي تي اچي پهچي ٿو ۽ ائين اُتي بيهندي وقت جو ڪانٽو اڳتي وڌندو رهي ٿو. ڏينهن مهنا ۽ ورهيہ لنگهي وڃن ٿا ليڪن هو ان چؤواڻي تي بينو آهي. ان ددورانان چؤواڻي جو طرف بدّائيندڙ تختيون توڙي چؤواڻي تان ڦٽندڙرستا زبون ٿي ويا آهن. پر اُن نينگر جو نگاهون جو هينئر 50 عمر پار ڪري چڪو آهي، شڪارپور لفظ تي آهن، ان شڪارپور تي جتي ڏڪ بازارآهي، هاڻي در آهي، گهنٽاگهر آهي، ليڪن ان گهنٽاگهر جو گهڙيال هيئنر منجهند جو پي بجي پنج جا ٽڪاوَ نڻو هڻي، شڪارپور ۾ هينئر موتيءَ جي ڪلفي ڪانهي، نيوندرام جي مٺائي، رابيل جا گلن جون مالهائون ۽ سنڌ درياهہ تي شئل ڪونهي. ٻيو سڀ ڪجهہ شڪارپور ۾ آهي ليڪن سامي‌ءَ جي ڏيوڙيءَ تي ڏيئو ٻارڻ وارو اُهو ماڻهو ڪونہ آهن جن سان شڪارپور جو شان هو، مان ۽ مٺڑيون مٺڑيون ٻاتيون هيون.

نند جويريءَ ان پراڻي شڪارپور ۽ هن نئين شڪارپور جو چتر چٽيو آهي پنهنجي نئين ڪتاب چؤواڻي ۾ . ..... نند جويريءَ جي چؤواڻي ۾ ڪويتا سنسار جا بہ مختلف طرف آهن. هڪ طرف شڪارپور ونڊي ٿو وڃي ۽ ٻيو طرف ڪويءَ جي انتهہ ڪرڻ ۾ ليئو ٿو پارائي.

منهنجي ليکي سندس شڪارپور وارو طرف ايڏو زندهہ آهي جو اهو ڪتاب جو يادگار حصو بڻجي پيو آهي . باقي سندس انتهہ ڪرڻ ۾ ليئو پائڻ ۾ ڪي ڏياتيون جرڪنديون نظر آيون تہ راهہ بہ روشن هئي. ليڪن جتي جتي پرڪاش نڻي پهتو تہ راهہ تي هٿوراڙيون پائي هلڻو ٿو پيو، وقتي بيهي رهڻو پئي پيو.

منهنجي سمجهہ موجب شڪارپور وارو حصو جيڪو سموريءَ سنڌ جي حوالي ۾ سمبالڪ طور استمال ۾ آيو آهي شاهڪار آهي ۽ ڪويءَ کي جاوداني ٿو بخشي. سندس ٻيو حصو مان وارو حصو ان ٻير مثل آهي جنهن ۾ ڳاڙهو تازا ٻير بہ آهن تہ انهن جي پاسن کان ڪنڌا بہ آهن جي ٻيرن تائين پهچڻ لاءِ وچتي چپ چپ ڪن ٿا.

چترڪار مينگھراج تلريجا جو
شري نند جـويـريءَ ڏانـهـن خـط

پريم متر،

چوندا آهن تہ هر شاخ جا ڪوي، ڪلاڪار/ رچناڪار خالق جا خاص خلقيل عيوضي ٿين ٿا، جي سندس ئي رچنائن جو ٻِن ٻِن طريقن سان اظهارڪن ٿا ۽ انڪري هو ايشور جي وڏيڪ اوڏو آهن. ان سبب ڪري ئي هو عام جي دلين ۾ پڻ جڳهہ جوڙن ٿا. هو ڪائنات جي سونهن مان پکون پري پاڻ تہ پيئن ٿا، پر ان جو واس خلق کي بہ ونائين ٿا. ۽ سچ پچ تڏهن ئي آنند جو مزو سندن لاءِ ٻيڻو ٽيو پوي.

مون توهان جو "چؤواتي تي" ڪاوي سنگرهہ باريڪيءَ سان پڙهيو آهي. خيال جي اُڏام بيشڪ عرش کي ڇهي. خيال کي آڪار ڏيئي، لفظن ذريعي ظاهر ڪرڻ، ڪا رواجي ڳالهہ ناهي. لفظ تہ مڙيوئي لفظ ٿيندا آهن پر ساڳين لفظن کي بي انتها شڪتي بخشي عام جي دل ۾ درد ۽ آنڊ ماندڻ پئدا ڪرڻ، آنند جي لهرن ۾ لوڏا ڪارائڻ شاعر جي وصف آهي. گل جي خوشبوءِ سيني کي واس ڏيندي آهي، پر ان سڳند جو لفظن ذريعي اظهار ڪري خود لفظن مان خوشبوءِ پئدا ڪرڻ شاعر جو ئي ڪم آهي. نظارو ساڳيو پر نظريو هرهڪ جو جدا جدا. ساڳئي نظاري يا ساڳئي وشيہ کي شبدن وسيلي عظمت ۽ بلندي بخشڻ، اهو ڪم شاعر جو ئي آهي.

شهر شڪارپور لاءِ توهان جو بي پناهہ پيار (سڪ ۽ سوز جو چشمو) ان جي هر واٽ، رستي جي پٿر ۽ سر سان عشق پاڻڪ جي روح کي پڻ لوڏي ٿو. بي جان چؤواتي کي وجود بخشي، زبان ڏيئي، نرجيو متيءَ مان بہ اڪرن وسيلي هڳاءُ حاصل ڪرڻ، اهي وصفون توهان جي ڪوتا ۾ ملن ٿيون.

گول جي گهيري ۾ مرڪز هڪ ئي ٽيندو آهي. پر مرڪز کان گهيري ڏانهن، انيڪ واٽون ٿي سگهن ٿيون. ٽيڪ ان ريت توهان جي ڪوتا جي وشين ۾ مون کي ڏسڻ ۾ آيو. وقتي پاڻڪ / پانڊيءَڙو شايد مرڪز تاءِ پهچڻ جي واٽ وڃائي ڇڏي، ان ڪري رهنما جي اوس درڪار ٿئي ٿي. ڇو تہ ڪويءَ جي خيال جي اڏام جي مرڪز کي جهٽڻ هرهڪ پاڻڪ جي وس جي ڳالهہ ناهي. ڏکيو نہ پر ناممڪن آهي. ساڳئي ويچار کي اکري جامو پهرائي، انکي ڪنڌون پاسا ڏيئي مقدار پئدا ڪري وجود بخشڻ، ۽ پوءِ ان خيال جي سوڪيم مرڪز تائين خاص نظريي جي ضرورت آهي.

خيال تہ لامحدود، بنا پت، چت ۾ ٻني جو ٿئي ٿو. خيال کي پنک لڳائي آڪاش ۾ پرواز ڪرڻ شاعر جو ڪم آهي. جنت کي عرش تي آڻي ڌرتيءَ تي درشن ڪرائڻ شاعر جو ڪم آهي. لفظن کي آتما جو اَمرُ پد بخشڻ شاعر جو ڪم آهي. توهان جون ڪويتائون ان آتمڪ آوازن جو پراڏو آهن جي روح کي ڇهڻ بنا رهي نٿيون سگهن.

بس آءُ تہ ايترو ئي چوندس تہ توهان جي خيال جي ڪشتيءَ کي پنهنجو واهڻ ڪري، انيڪ لهرن تان لوڏا کارائي پنهنجي هن ڪوتا سنگرهہ کي جسماني قوت بخشي آهي ۽ ڪن کي دل جي چنگ چورڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي.

خيال جي مرڪز کي اُهو ئي رسندو، جيڪو دنيا جي سپني گهيرن کي لتاڙي، ايڪاگرتا سان يڪ ٽڪ مرڪز لڪشيہ تي ئي نظر رکي وهندو. پوءِ ئي هو ارجن وانگر جهڙڪيءَ جو فقط تارو ئي ڏسي سگهندو. "جتي ..... پلئٽفارم ..... نجہ ..... سچاٽپ ..... پاليل نانگ ..... مائي پائي ..... ڪيڙي ڏانهن اشارو ..... انسانيت ..... شاهوڪاري غريبي مان سمجهان ٿو تہ توهانجون اِهي ڪويتائون سماج ڏانهن پوشيدهہ خندهہ آهي ۽ ساوڏانيءَ ڏانهن لڪل اِشارا.

مونکي لڳي ٿو تہ توهان ڪوتا جي چٽيءَ سمجهاٽيءَ کي مبهم ۾ رکي ، محدود دائري ۾ قيد ڪرڻ کان آزاد رکيو آهي تہ جيئن پاڻ خود پنهنجي ويچار شڪتي، سمجهہ ٻوجهہ موجب سوچڻ لاءِ مجبور ٿي، نظاري يا گهٽنا کي وسيع روپ ۾ ڏسڻ جو طريقو سکن. توهانجي نظرئي جا غلام بڻجي، هروپرو توهان جي راءِ سان شامل نہ ٿين. چو تہ پاڻ هروپرو ڪويءَ خيال / تصور سان سهمت نہ ٻہ هجي. انڪري هو يل تہ وشيہ کي مختلف ڪنڊن تان ڏسي، پرکي الڳ الڳ آنند ماڻي، نہ تہ تہ نظارو ٻہ نظر جو ئي محتاج بڻيو رهندو. هيءُ توهاجو شايع ڪيل پستڪ ڪاويہ سنگرهہ جي ذخيري ۾ اضافو آڻيندو، اها خاطري اٿم.

رچنا
رچنا ۽ ڪٿ

—— ستيش روهڙا

"چؤواتي تي" جي ڪويتا ئن تي ڪچ لکڻ وقت منهنجي ذهن ۾ هڪ سوال اُپري رهيو آهي. ــ آخر ڪوئي ڪوتا ڇو ٿو لکي؟ جي ڪير پنهنجي احساس کي اظهار ۾ بدلڻ چاهي ته ان لاءِ هو ڪنهن وڌيڪ سلجهليل ڊنگ ــ ناٽڪ، مضمون، ڪهاڻي وغيره جو استعمال ڇو نه ٿو ڪري؟ يا جي ڪنهن ڪوتا ئي لکڻي آهي ته پوءِ هو رواتي شاعري جي رستي تي قدم ڇو نه ٿو رکي، جيڪو رستو بحر وزن جي سونت تي بيٺل آهي ۽ جنهن رستي تي قافيہ رديف وغيره جا شناختي پٿر لڳل آهن؟ منهنجي خيال موجب ان سوال جو هڪ وزندار جواب اهو آهي ته ڪو بہ شخص نئين ڪوتا لکڻ لاءِ تڏهن مجبور ٿئي ٿو جڏهن هو پنهجي سوچ جي گهرائيءَ مان چتي رفتار سان اُبڙڪو ڏئي ٻاهر ايندڙ ڳتيل ۽ هڪ ٻئي سان اُلجهيل اهڙا جذبا محسوس ڪري ٿو جن کي سلسليوار هلڪي رفتار واري بيان ۾ شاعريءَ جي فن جون پابنديون نباهيندي ظاهر ڪرڻ ڏکيو ٿو لڳي. گهٽ ۾ گهٽ "چؤواتي تي" جون رچنائون پڙهندي اهڙو احساس ٿيندو ٿو رهي. مثال طور مجموعي جي هڪ ڪوتا آهي ——

اسان جي ٿهڪن سان / باغ ۾ / گل ڇٽي نہ پون / ۽ وري ڪائي / لنبي عرصي واري / خزان نہ اچي / اسان صرف / من ئي من مسڪرايو آهي / ۽ جڏهن / ساه جو احساس ٿيو / من اندر جي مشڪ وکٽي بہ / اسان پراون سان / واعدا ڪرڻ لاءِ / بهانا ڳولهيا آهن / او شڪارپور!

هن ڪوتا ۾ هڪ ئي وقت انيڪ جذبا اُپري ٿا اچن. "ٿهڪن" جي بيان ۾ خوشيءَ جي موجودگي، "گل ڇٽي نہ پون" ۽ لنبي عرصي واري خزان" جي اظهار ۾ ڏهڪاءُ پريل ماحول ۽ ان جو ڏٻاءُ، ؟متان" ۾ ظاهر ٿيل انديشو ۽ ڊپ، "اندر ئي مسڪرائڻ" جي اظهار ۾ سهج خوشي کي ڏٻائڻ جي مجبوري، "ساه جي احساس" ۾ پنهنجي زنده هجڻ / رهڻ جي سچائيءَ جي قبوليت، "مشڪ وکٽڻ" ۾ حالتن سان ڪيل سوديبازي، "بهانا ڳولهڻ" ۾ مانسڪ گراوٽ جي قبوليت، ۽ "او شڪارپور!" ۾ پنهنجي متيءَ سان جڙيو رهڻ جي موه جي دانهن آهي.

اهڙي طرح ڏسجي تہ هن ڪوتا ۾ انيڪ جذبا ۽ احساس آهن جيڪي پاڻ ۾ الجهيا پيا آهن ۽ جن کي جيڪڏهن بحر وزن قافيہ جي فريم فٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي تہ شاعريءَ جو اهو فريم تہ شايد بچي وڃي پر واسطيدار جذبا، احساس پرزا پرزا ٿي بي اثر ٻڌجي پوندا.

ڇاڪاڻ جو نئين ڪوتا ۾ احساس جي شعوري گهرائي، جذبن ۾ تيزي ۽ الجهاءُ رهي ٿو ان ڪري نئين ڪوتا ۾ نين علامتن يا روپڪن (Metaphors) جي رچنا رهي ٿي. جر روپڪ عام کي سمجهڻ ۾ اڇڻ جهڙا ٿين تہ ڪوتا پڙهندڙ جي ذهن تي اثر ڪري ٿي نہ تہ اِها ڪوتا مونجهہ پريل ۽ سمجهہ ۾ نہ اڇڻ جهڙي ٻڌجي ٿي پوي.

نند جي گهڻين ڪوتائن جا روپڪ ذهن ۾ ماپڻ جهڙا آهن يعني اهي مٿي جي مٿان لنگهي نٿا وڃن. مثال لاءِ مجموعي جي سڃاڻپ ڪوتا پيش آهي ـــ

منهنجو نالو / منهجي سڃاڻپ نہ آهي / اهو ڏنل نالو / صرف اُهو ڏس آهي / جنهن طرف هنن کي وڃڻو هو / جنهن طرف مون پير ڪنيا آهن / انهن پيرن جا نشان ئي / منهنجي سڃاڻپ / ڏيئي سگهن ٿا.....

هن ڪوتا ۾ نالو، پيرن جا نشان وغيره جا روپڪ آهن پر اظهار صاف آهي ـ هڪ فرد جي سڃاڻپ سندس پنهنجن ڪارنامن جي اثرن ـ نتيجن سان پنهنجن ڪارنامن جي اثرن ـ نتيجن سان جڙيل آهي ۽ نہ ڪي ڪٽنب / سماج دواران ڏنل نالي، ڏنڏي ڏرم ذات وغيره سان ڇو تہ اِهي مڙيئي شيون ڏيندڙ جي روايت، سوچ ۽ اڇا جو اظهار ڪن ٿيون، اُهي فرد جي ڪا ڃاڻ / سڃاڻپ نٿيون ڏين.

پر ائين چوڻ ۾ صحيح نہ ٿيندو تہ نند جون مڙيوئي ڪويتائون صاف ۽ چٽيون آهن. اهڙيون ۾ ڪوتائون آهن جن جا روپڪ سولا سمجهہ ۾ اڇڻ جهڙا نہ آهن ۽ ان ڪري اهي ڪوتائون منجهيل پاسن ٿيون. جيئن "مسافر لاءِ بس" گيتائي انداز ۾ چيو ويو آهي تہ:

هن بس جي اڳين سيٽ تي ويٺل / ڊرائيور مان آهيان / ۽ پوئينءَ سيٽ تي براجمان / ڪنڈڪٽر ۾ مان آهيان / اڳين ۽ پوئينءَ سيٽ جي وچ۾ ويٺل / هر مسافر ۾ مان آهيان / اها منهنجي واقفيت آهي / ـ

نند جي ڪويتائن پنهنجيءَ مٽيءَ سان موهہ ۽ ان کان الڳ ٿيڻ جو جو بيحد تکو درد آهي جنهن کي هن "اوشڪارپورا" جي عنوان هيٺ بيحد ڪلاتمڪ نموني اظهاريو آهي. نند هيءُ درد سندس اندر جو درد آهي ان ڪري هيءُ ان ڪتابي درد کان الڳ آهي جيڪو سنڌ سان وابستہ ڪيترين پرڪائو ڪوتائن ۾ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ڪتاب جي عنوان مان اهو ظاهر آهي تہ نند جي من جي چؤواڻي وٽان ڦٽندڙ هر راہ جو رخ شڪارپور ڏانهن آهي.

احساس جي گهرائي، اظهار ۾ گنڀيرتا، وشئ سان مناسبت رکندڙ چست شبد ـ رچنا، پختي، گنڀير ۽ صاف شريفاڻي ٻولي، نند جي ڪوتا جون خاصيتون آهن. شعوري سطح تي، ڪوتا کي رهسيہ ميہ ڍنگ سان ماڻڻ وارن کي نند جي ڪويتائن مان لاشڪ ذهين لطف حاصل ٿيندو.

"چوواٹي تي" جون ڪوتائون

ـــ هڪ سمالوچنا پريم تولاٹي

انسان نج آهي، نہ پاڪ نہ ناپاڪ
سوچ سان انسان پاڪ ۽ ناپاڪ آهي!
"مان" بي انت آڪاش آهي،
پوءِ ئي تنهجي ڏنل چوڪٹ
منهنجي هوند بٹي.

نند جويريءَ جو "چؤواٹي تي" ڪتاب پهريون دفعو هٹ ۾ ڪنيم تہ ڪور تہ دلڪش هو پر پڑهٹ تي ڪجهہ محسوس ڪيم تہ آخر لکيو چا اٹئي؟ نہ نظم بروبر نہ وري تڪ بندي ڪيل الاهي چا آهي؟ انهيءَ ڪري ڪتاب پاسيڑو رکيم پر ڪجهہ ڏاڻن کان پوءِ ائين من ۾ خيال آيو. تہ ليکڪ شاعر ڪڏهن ڪڏهن پهرين خشڪ بي مطلب لڳندا آهن. پر ضرور ڪا گهرائي آهي جنهن جو لقاءَ يا لطف ٻاهرين نظر سان نہ حاصل ٹيندو آهي انهيءَ ڪري هڪ وقت فرصت ۽ فرحتي ويل "چؤواٹي تي" خود کي ٻاريم ۽ نند جو ڪتاب انهيءَ لنوسان پڑهٹ شروع ڪيم تہ عجيب محسوسات ٹي تہ .

نند اصل جوهيري جو دماغ رکيٹو جيڪو هيري کي هر طرف کان جاچي جوچي ڪجهہ انهيءَ پٹر ۾ پائي ٹو. نند جويريءَ جو دماغي خلل ۾ صرف فيلصوفيءَ جو ويچار ڪونهي پر اونهي عميق ۾ انساني خيالات اها جيڪڏهن ڪنهن تسليم ڪيل اوليا يا مهاتما جي مڪ مان نڪري تہ هوند هزارين ماڻهو انهن لفظن جي تتون جو جدا جدا ارٹ ترجمو يا انٹرپيشن Interpretation ڪر لوڪن اڳيان رکن تہ مهاپرش چا ٹو چوڻ چاهي.

مٹين چند ستن مان اهو ظاهر آهي تہ نند رواجي ليکڪ يا شاعر ڪونهي جن ٻاهرين اکين مان ڪجهہ ڏنو يا ڪو تصور ڪيو ۽ اڏما پئدا ڪيا ۽ لکيو پر سندس اونهن خيالن ۾ اها وهڪ وهي ٹي جنهن جي وهڪري ۾ وهي وجي وڃاڻ ئي ٻيا وسائي جتي ايڪانت ۽ شانتي هجي. جتي وڻن جي ٹارين جو هلڪ هوا جي جهونڪي تي آوز ڪن پکين جي لات کي پنهنجي لنو ڪر سمجهي. پر ب.ڏنن ۾ جڪڑيو پيو آهي اها سندس مجبوري ۽ لاچاري آهي.

انهيءَ ڪر پنهنجن اونهن ويچارن ۾ خيالن جذباتن لڳل لنو جو اظهار هن "چؤواتي تي" ذريعي ڪيو اٿس سندس لکٽين کي پڙهي ائين لڳندو آهي تہ شاھ صاحب جيڪو فرمايو آهي اهو هوبهو ۾ بلڪل تزهتي نهڪي ٿو. " هٿ هاج ۾ دل يار ڏي"

شروعات ۾

مان نہ پاڪ هوس

نہ ئي ناپاڪ هوس

مان نج هوس

انسان نج جمي ٿو هي انساني ماحول ذات بات جا ليکا ڪين ٿا جيڪي ٻنا ۾ ٻندڻ ٿين ٿا جن جي ڪري نج پوءِ پاڪ ۾ ناپاڪ جي محدودين ۾ جڪڑي ٿو.

"منهنجي مان" هڪ بي انت آڪاش

جنهن کي توٻنا ڏنا

پوءِ تنهنجي ئي ڏنل چوکٽ

منهنجي هوند بڻي

هاڻي جڏهن انساني هوند بڻي تڏهن انسان "پنهنجي مان" کوئي چڏي اهو سچ آهي هونئن "منهنجي مان" هڪ اڏامندڙ پکي انهيءَ کي سوارٿ ٻنا ڏنا. ۾ اها عاليشان "مان" بي انت مان اننت بڻجي نند جويري قهر ڪيو آهي. هن پريت جي پيچري تي پانڌيئڑن کي پر ڪيو آهي

اگر تون ۾ مان

هن کان اڳ ڪٽي مليا آهيون

شايد گڏ ڪٽنداسين

اگر تنهجو قدم

منهنجي ڪنيل قدم جي برطرف بہ پوي

تہ بہ برطرف ٻرانگھ پرن لاءِ

توکي

منهنجي وڪ جو طرف سچاڻو ئي پوندو

تون ۾ مان وقت جا پاڇا آهيون

پاڇن جي گھٽجندڙ

۾ وڌندڙ مقدار جي ڏڦير ۾

تنهنجو منهنجو وجود ڦهليل آهي

تو مونکي پنيان ڇڏي نٺو سگھين

۽ نہ ئي تون

منھنجي پنيان رھي سگھين ٿو.

تنھنجي ھستي

منھنجي ھستيءَ ڏانھن

۽ منھجي ھستي

تنھنجي ھستيءَ ڏانھن جوابدار آھي

ان سان ئي

منھنجي توسان

سچاٽپ آھي

ديش جي ورھاڱي کان پوءِ ۽ راڄنيتي رمزن ڪري ايترو اخلاق ۽ ضمير جي گراوٽ ٿي آھي جو جيڪي خوشامندڙيا آھن انھن پنھنجو وجود پنھنجي ھشمت ختم ڪئي آھي انھيءَ جو ذڪر نند جويري ھينئن ڪيو آھي جيڪو سندس من جو غبار آھي اکين ۾ انھيءَ ونھوار لاءِ حقارت آھي.

مڇ ڪٽيل ننڍا ڪوئا

خوش آھن

جو ايمان سان

ھنن نوان سھڻا

ٻر جوڙيا آھن

اھو ليکڪ ۽ شاعر ئي ڪھڙو جنھن چانھ جي ڪوپ ۽ چپن تي آڻي سرڪي پيٽ جي درميان جيڪو ويچو آھي يا اِھو ڪھڙا قھر ڪري سگھي ٿو. انھيءَ جو اظھار نہ ڪيو آھي؟ نند جويريءَ ھيءُ لکيو آھي.

وچوٽي

جھوٽي ۽

ننڍ جي وچ ۾

جا سجاڳي آھي

اھا ٻہ

ھڪ وچوٽي آھي

ان وچوٽيءَ کي

ماٽڻ جو درد

مون کي رکي وينو آهي ..... سجاڳ

ليکڪ ۽ شاعر جي دل ڪٽي جهڙي ٿي. ڪٽي موه پيار سڪ ڪنهن بہ جڳهہ سان جڙي ٿي. نند کي ماتر پوميءَ سان اٽاهي لنو لڳل ڪيتري اونهي جڙ سان جڙيل آهي جو سندس جنم استان شڪارپور کي ياد ڪري ضرور اکين مان آب آندو اٽس ۽ هن ڪتاب ذريعي شڪارپور جي تصوير چٽي اٽس اهڙي اثراتي جو مان شڪارپور ڏٺي بہ ڪانهي پر "چؤواتي تي" پڙهڻ سان ائين ٿو پاسي تہ مان شڪارپور جو لکيدر ..... گهنٽاگهر ..... گئو شالا ..... چرين ٻانيٽن واري گهٽي ..... پر ۾ ٽيڪچند پانشالا پيو ڏسان. نند ورهاڳي ڪانپوءِ سنڌ جو سڀر ڪيو آهي ۽ شڪارپور جي موجودهہ حالت ڏٺي اٽس پر سندس ٻالڪپڻي جا ارڪان ڪيس اُتي ڪونہ ملیا يا انهن ۾ اها لچڪ لذيذپڻو حاصل ڪونہ ٽيو اٽس. سڄو ماحولل بدليل آهي. بس! انهيءَ جو اظهار هئين ڪيو اٽس.

هن دفعي
لکدر تي گهنٽاگهر
منجهند جو ٻي بجي
شام جا پنج گهنڊ ڪونہ هنيا
انهيءَ کي بہ بخار هو
يا لقوي جي مرض ۾ رڙهندي
لاچاريءَ جو اظهار تي ڪيائين
مون وانگر
گهر اُهي ئي هئا
پر در اهي نہ هئا
در بنا ٻانهن هئا
بي نور دريون هيون
نہ ٻاڪر هئا
نہ قرب پريون نظرون
درن درين جي گلڪاري
سامي ايازفاني
سپ لڏي چڪا هئا
منهنجي شهر شڪارپور مان

مان مجبور آهيان جو "چؤواتي تي" سمالوچنا لکندي خود اهڙي چؤواتي تي پهتو آهيان تہ ڪهڙي راهہ وڃان ــ آخر هن لکڻيءَ کي هتي ئي ختم ڪريان ۽ سنديش پارت جي صفحن جي اون رکان. بس ! انهيءَ ڪري هتي لاچاري ڏيکاري قلم بند ٿو ڪريان. اهو چوندي واهہ ڏي نند واهہ جيءَ ۾ جلين پيو ــ جهوڏي لڳل اٽئي پر ٻاهر ٻنيا رکيو ويٺو آهين. شاهہ چيو آهي؛

"نيهن نهائين کان سکہ ڪنهنجا سپرين
سڏي سارو ڏينهن ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري"

”چوواڻي تي“ علي بابا جي نظر ۾

پاڻ نند،

الله ڪري ٻچن ۽ سنڌواسين سان سدائين جُڙيوءِ جَڙيو هجين. تون آئين، مون پيٽ پري ڏٺو ۽ ڪونہ، وئين هليو. مونکي شڪارپور تي حسد تہ نہ ٿي پيو آهي. پر چئجي ريس ٿي پئي آهي.

تنهنجو نثري نظم پڙهيم. مون ڪنهن ۽ ڪتاب کي شايد شاهہ ڪانپوءِ ايترا پيرا نہ پڙهيو آهي جيترو چؤاڻي تي کي پڙهيو اٿم. هيمليٽ ۾ هڪ منظر ۾ پوليس هيمليٽ کي چوي ٿو ”واٽ آر يو ريڊنگ مائي لارڊ.“ تہ هيمليٽ جواب ڏئيس ٿو ”ورڊس ....ورڊس ..... ورڊس.“ ۽ شبدن جي اِها شڪتي تنهنجي شعر پڙهڻ ڪانپوءِ شدت سان محسوس ٿئي ٿي. بلڪ اُبائجي ٿي اچي.

خط لکڻ جي ڏس ۾ آئون ۽ تو جيان آهيان. اڳي 64_65ع ڏاري موهن ڪلپنا کي هڪ خط لکيو هوم ٻيو ذاتي خط توکي لکي رهيو آهيان. تنهنجو ساهہ شڪارپور ۾ آهي ۽ منهنجو ساهہ وري درياهہ شاهہ ۾ آهي.

درياهہ ڪانپوءِ ڇا آهي؟

اونداهي ڪڏ آهي.

جڏهن خط پڙهين تہ سمجهجانءِ تہ شڪارپور جنميل جو خط پڙهي رهيو آهين. شايد جنهن ڏيهن تو شڪارپور ڇڏي هئي آئون ڪوٽريءَ کان شڪارپور پهتو هئس. گئوسر باگڙجي سپ گهميا هئم. انهن ئي ڏيهن ۾ موهن جو دڙو ڏسڻ ڪانسواءِ موهن جي دڙي تي ناول لکڻ شروع ڪيو هئم. ويهن ٻاويهن سالن جي ڄمار تائين آئون ٻئي جنم جي پيڙا جي بيماريءَ مان گذري رهيو هوس. ڪنهنکي ڪجهہ ڪونہ ٻڌائيندو هوس تہ آئون ڇا ٿو ڏسان. سخت بيمار هوس. ڊاڪٽر يونس منهنجو علاج ڪيو هو.

اڄ تائين شڪارپور ياد ايندي رهندي آهي. اُجڙيل ئي سهي مون شڪارپور ڏٺي. منهنجو مامو رمضان بلوچ شڪارپور ريلوي استيشن تي هيڊ ڪلارڪ هو. ويچارو گذاري ويو آهي. منهنجو وڏو نياڻو ۽ ٻار اوهان کي سلام چئي رهيا آهن.

تنهنجو پنهنجو

خاص تنهنجو

علي بابا

23 مارچ 2004

پريم پاءُ نند،

اُميد ٿ مزي ۾ هوندين.

اڄ "چؤواڻي تي" تي ڪتاب مليو. شڪارپور جو چؤواٽو تنهنجي سمرتين ج يادگار. ڪور تان ئي شڪاپور ۽ سنڌ جو نوُر پسجي رهيو آهي. ۽ مهاڳ لکيو آهي سنڌ هند جي مايہ ناز شاعر. سچ ٿ سدا حيات نارايڻ شيام ۽ شيخ اياز سنڌي شاعريءَ جا روح آهن. اسان ليکڪن / شاعرن لاءِ اها خوشيءَ ۽ فخر جي ڳالھ آهي ٿ هن ۾ شايع ٿيل ڪتاب جو مهاڳ شيخ اياز لکيو آهي. پاڳ وارو آهين جو اهڙي روح رچندي جي ويجهو آهين. تو ايترو ٿ قربائتو آهين جو ڪنهن سان هڪ دفعو ملڻ تي ہ دل چورائي وڃينٿو. اسان پهرين موقعي تي مليا هئاسين پوپال ۾. ان کان اڳ مون تنهنجو نالو ٻڌو هو ۽ ٿورو گھڻو آزاد نظنن دئاران. وري احمدآباد مليا سين ٿ جڻ ورهين کا واقف هئاسين. تنهنجو ڪتاب مليو ٿ توکي روبرو پاتم. هي ڪتاب ادب ۾ پنهنجي هڪ مخصوص جاءِ والاريندو اهڙي پڪ اٿم. منهنجو شپ ڪامنائون. دوستن لاءِ قرب پريا سلام

قربن مان

هري همٽاڻي

پريم جويري،

سدا باغ بهار ! ڪٿي لڪي وينو هئين يار ! ڪافي سالن جي شانت کان پوءِ تنهنجڳ شاهڪار شايع ٿيو آهي. دلي مبارڪون.

اڄتي هلي شايد هيءُ شاهڪار بہ هئٺ ترڪ ڪري يعني مهاراشٽر ساهت اڪاڊمي، سي. ايڇ ڊي ساهت اڪادمي دلهي ۾ پٽ اڪل پارت سنڌي بولي ۾ ساهت سيا جي اَعزازن کان توکي نوازيو وڃي پر تنهنجو شاهڪاراهنهن کان اعليٰ آهي ۾ نند جويري اعليٰ ترين هيءُ رد عمل رڳو ڪي منٺ پڙهڻ سان بڻيو آهي. دل سان گهر وڃين پڙهندس پوءِ توکي Detail ۾ لکندس. هڪوار هند ۾ سنڌ جي سيني سنڌين طرفان مبارڪون ٿو ڏيانئہ.

قربن ۾ نيازن مان

جهمو چڳاٽي

پيارا نند،

سچ

ورهانگي وقت بہ اسانجي اِهائي حالت هئي

... خالي ماڻهو

پريل گهر ڏوهيندو....

ءِ اڄ پڙ

تنهنجين ڪويتائن کي ڪا مخصوص سجاڻپ آهي. اهي جيئن بہ آهن پنهنجيون لڳن ٿيون. بنه پنهنجيون.

(تڪڙ ۾ ڏسي / پڙهي هليو آهيان ــ فلحال)

ٻيهر پڙهي شايد ڪجهه لکي سگهان

هڪ قرباتو پاڪر

تنهنجو

پريم پرڪاش

پورو ٿيو

وائيس آف سنڌ اي بُڪ پبلشر

www.voiceofsindh.net